ABC Certified

Reg No 2677

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني

سنڌيار

Daily SINDHYAR Karachi

www.dailysindhyar.com

NTN 4129440-8

ڪراچي

جلد :12 | خميس 14 ڊسمبر 2023ع بمطابق 29 جمادي الاول 1445هـ | شمارو:64 | قيمت10 روپيا

پاڪستان ۾ دهشتگردي هڪ دفعو ٻيهر وڌي رهي آهي، اسان کي پاڻ ۾ ٽيندڙ جهيڙا ختم ڪرڻا پوندا، اسان سڀني ملي ان لاءِ قربانيون ڏنيون ته جيئن دهشتگردي جو خاتمو ٿئي

پاڪستان ۾ دهشتگردي ٻيهر وڌي رهي آهي، چاهيون ٿا ته تاريخ کي صحيح ڪيو وڃي: بلاول ڀٽو

گذريل دور ۾ پارليامينٽ کي اعتماد ۾ وٺڻ کان سواءِ سنگين ڪيسن ۾ گرفتار ٿيل دهشتگردن کي جيلن مان ڪڍيو ويو، اهڙن فيصلن سبب پوليس، فوجي ۽ عوام شهيد ٿيندي رهي آهي

ڪالهه ڊيرا اسماعيل خان ۾ ٿيل دهشتگردي جي واقعي جي مذمت ڪريان ٿو، گذريل دور جي اهڙي هڪ فيصلي پاڪستان کي تمام گهڻو پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي

اسان چاهيون ٿا ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي انصاف ڏياريو وڃي، اسان چاهيون ٿا ته تاريخ کي صحيح ڪيو وڃي، هڪ وقت جي آمر کان مرضي جو فيصلو وزيراعظم جي خلاف ڪرايو ويو

ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان کي ايٽم بم ڏياريو مسلمانن کي گڏ ڪيو، ذوالفقار علي ڀٽو مسلمان ملڪن کي ٻڌايو ته اوهان جو تيل اوهان جي طاقت آهي ان کي استعمال ڪريو

هن ملڪ جو 18 مهينا پرڏيهي وزير رهيو آهيان، پنهنجي اکين سان ڏٺو ته هتي ڪيترو پوٽينشل موجود آهي، اسان کي نفرت، ورهاست ۽ انا جي سياست ڇڏڻي پوندي

پشاور (م ڊ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ملڪ ۾ دهشتگردي هڪ دفعو ٻيهر تيزي سان وڌي رهي آهي اسان کي سياسي اختلاف ڇڏي ملڪي مسئلن جو مقابلو ڪرڻو آهي، پشاور هاءِ ڪورٽ بار کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پاڪستان ۾ دهشتگردي هڪ دفعو ٻيهر وڌي رهي آهي، اسان کي پاڻ ۾ ٽيندڙ جهيڙا ختم ڪرڻا پوندا، اسان سڀني ملي ان لاءِ قربانيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

پشاور: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري بار جي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سپريم ڪورٽ فوجي عدالتن ۾ شهرين جا ٽرائل ڪالعدم قرار ڏيڻ جو فيصلو معطل ڪري ڇڏيو

جسٽس سردار طارق مسعود جي سربراهي ۾ جسٽس امين الدين خان، جسٽس محمد علي مظهر، جسٽس حسن اظهر رضوي، جسٽس مسرت هلالي ۽ جسٽس عرفان سعادت تي ٻڌل 6 رڪني لارجر بينچ فيصلي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

بينچ ۾ توهان جي موجودگي تي اعتراض اٿاريا ويا آهن، توهان پنهنجي نوٽ ۾ فوجي عدالتن تي راءِ ڏئي چڪا آهيو: وڪيل لطيف ڪوسا جو جسٽس سردار طارق کان سوال

ڪنهن اعتراض ڪيو آهي؟ (جسٽس طارق مسعود) درخواست گذار جواد ايس خواجا اعتراض ڪيو آهي (وڪيل سلمان اڪرم چيو) مان بينچ کان الڳ نه ٿو ٿيان، ڇا ڪندئو: جسٽس طارق مسعود

اسان جي اعتراض باوجود توهان ويهي ڪيس ٻڌي رهيا آهيو (لطيف ڪوسا) ڇا بيهي ڪري ڪيس جي ٻڌڻي هلايون؟ جسٽس طارق مسعود

جڏهن نوٽيس ناهي ته پوءِ اعتراض ڪيئن ٻڌي سگهجي ٿو؟ جنهن اعتراض ڪيو اهو پاڻ ته عدالت ۾ موجود نه آهي، بهتر اهو آهي ته بينچ پهرين اپيلن تي ٻڌڻي شروع ڪري: اٽارني جنرل جي ڪاوڙ

اعتراض تي فيصلو پهرين ٿيڻ گهرجي ته توهان کي بينچ ۾ ويهڻو آهي يا نه (اعتزاز احسن) جن ماڻهن ڪالهه پاڪ فوج جا 23 جوان ماريا انهن سوليئنز جو ٽرائل هائي ڪهڙي قانون تحت ٿيندو؟ جسٽس طارق مسعود

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ فوجي عدالتن ۾ شهرين جا ٽرائل ڪالعدم قرار ڏيڻ جو فيصلو معطل ڪري ڇڏيو آهي جسٽس سردار طارق مسعود جي سربراهي ۾ جسٽس امين الدين خان، جسٽس محمد علي مظهر، جسٽس حسن اظهر رضوي، جسٽس مسرت هلالي ۽ جسٽس عرفان سعادت تي ٻڌل 6 رڪني لارجر بينچ فوجي عدالتن ۾ شهرين جا ٽرائل ڪالعدم قرار ڏيڻ واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سپريم ڪورٽ فوجي عدالتن ۾ شهرين جا ٽرائل ڪالعدم قرار ڏيڻ جو فيصلو ڏيندڙ جج صاحبان

اي سي ايل مان نالو ڪڍيو: شاهد خاقان عباسي جو عدالت سان رابطو

اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي اي سي ايل مان نالو ڪڍرائڻ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ سان رجوع ڪري ورتو

پي ايس او ۾ غيرقانوني پرتين واري ريفرنس ۾ شاهد خاقان گرفتاري کان اڳ واري ضمانت حاصل ڪئي هئي: وڪيل خواجه نويد

سنڌ هاءِ ڪورٽ گرفتاري کان اڳ ضمانت دوران شاهد خاقان جو نالو اي سي ايل ۾ شامل ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو

ڪراچي (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي اي سي ايل مان نالو ڪڍرائڻ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ سان رجوع ڪري ورتو شاهد خاقان عباسي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي چڏي، شاهد خاقان جي وڪيل خواجا نويد چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

آغا سراج جي عدالت ۾ شاهد خاقان عباسي سان ملاقات

شاهد خاقان عباسي آغا سراج درائي جي عيادت ڪئي

اوهان کي سنڌ اچڻ تي پليڪار چئون ٿا: آغا سراج درائي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي احتساب عدالت ۾ اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي سان سنڌ اسمبلي جي اسپيڪر آغا سراج درائي ملاقات ڪئي ان موقعي تي آغا سراج درائي شاهد خاقان عباسي سان ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته اوهان کي سنڌ اچڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

چونڊن جي تاريخ ۾ ڪنهن به قسم جي توسيع، ترميم يا تبديلي ايجنڊا تي نه آهي: مرتضيٰ سولنگي

ڪشميري پارٽ جو اندروني معاملو نه آهي، هڪ مڃيل عالمي تڪرار آهي، ڪشميري عوام پنهنجي حق تان هٽ نه ڪندو

ڪابينا اهڙن افغانين جن جو ڪنهن ٿئين ملڪ ۾ انخلا ٿيڻو آهي، جي سهولت لاءِ قاعدن ۽ ضابطن ۾ تبديلي جي منظوري ڏني

مظلوم ڪشميري عوام هڪ غاصب رياست جي خلاف پنهنجا بنيادي حق حاصل ڪرڻ جي لاءِ مزاحمت ڪري رهي آهي: بجيٽ اجلاس کان پوءِ بريفنگ

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي ڪابينا اجلاس بابت بريفنگ ڏيندي

اسلام آباد (م ڊ) اطلاعات، نشريات ۽ پارليماني معاملن واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي چيو آهي ته اليڪشن ڪميشن جي ڏنل چونڊن جي تاريخ ۾ ڪنهن به قسم جي توسيع، ترميم يا تبديلي ايجنڊا تي نه آهي، اڄا تائين ڪواهڙو واقعو پيش ناهي آيو جيڪو اليڪشن جي التوا جو سبب بڻجي، ڪشميري پارٽ جو اندروني معاملو نه آهي، هڪ مڃيل عالمي تڪرار آهي، ڪشميري عوام ته پنهنجي حق تان هٽ ڪڻندي ۽ نه پاڪستان پنهنجي اصولي موقف تان پٺتي هٽندو، وفاقي ڪابينا پارٽي سپريم ڪورٽ جي غيرقانوني طور تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

بجلي چوري جي شامت، صدر قانوني ۾ ترميم ڪري ڇڏي

آرڊيننس جو مقصد پاڪستان پئنل ڪوڊ 1860 جي سيڪشن 460 (O) ۾ ترميم ڪرڻ آهي

ڪمپنين کي بجلي چوري جي واقعن تي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ ۾ ڏکيائي هئي

اسلام آباد (م ڊ) صدر عارف علوي ڪريمنل لا ترميمي آرڊيننس 2023 جاري ڪري ڇڏيس ڏريعن موجب صدر ڪريمنل لا ترميمي آرڊيننس 2023 جاري ڪري ڇڏيو آهي، آرڊيننس جو مقصد پاڪستان پئنل ڪوڊ 1860 جي سيڪشن 460/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

انتقام وٺڻ نه ٿو چاهيان حساب وٺڻ ته ٺهي ٿو: نواز شريف

فيبروري تي وڏي عدالت لڳندي، خبر پوندي ته ڪير سسلين مافيا آهي ۽ ڪير عوام سان سچو آهي

مون ڪڏهن به جنرل باجوا ۽ فيض حميد خلاف سازش نه ڪئي، مون جنرل راحيل شريف خلاف به سازش نه ڪئي هئي

مولانا فضل الرحمان اليڪشن ڪميشن کان آصف زرداري طرفان ڏنل بيان جي جاچ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

جيڪڏهن اُئين آهي جيئن آصف زرداري چيو آهي ته اهڙا سمورا ووٽ ختم ٿيڻ گهرجن: مولانا فضل الرحمان

جيڪڏهن ڪجهه ڏينهن جي ڊيرسان شفاف چونڊون ٿين ٿيون ته اهو گهاٽي جو سودو نه هوندو

لاهور (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف چيو آهي ته انتقام وٺڻ نه ٿو چاهيان حساب وٺڻ ته ٺهي ٿو، 8 فيبروري تي وڏي عدالت لڳندي، خبر پوندي ته ڪير سسلين مافيا آهي ۽ ڪير عوام سان سچو آهي، نون ليگ جي سربراهه ميان نواز شريف پارٽيءَ جي پارليماني بورڊ جي اجلاس کي خطاب دوران چيو ته مون ڪڏهن به جنرل باجوا ۽ فيض حميد خلاف سازش نه ڪئي، مون جنرل راحيل شريف خلاف به سازش نه ڪئي هئي./بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

پشاور (م ڊ) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان اليڪشن ڪميشن کان آصف زرداري طرفان ڏنل بيان جي جاچ جو مطالبو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

مرتضيٰ ڀٽو قتل ڪيس، شعيب سدل سميت ٻيا آفيسر طلب

ٻڌڻي دوران اڳوڻي پوليس آفيسر واجد درائي کي وهيل چيئر تي ويهاري عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

عدالت اڳوڻي آءِ جي سنڌ شعيب سدل، ذوالفقار احمد، ظفر اقبال ۽ ٻين اڳوڻن آفيسرن کي به طلب ڪري ورتو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو قتل ڪيس مان جوابدارن جي بريت خلاف اپيل تي ٻڌڻي، اڳوڻي پوليس آفيسر واجد درائي کي وهيل چيئر تي ويهاري عدالت ۾ پيش ڪيو ويو عدالت اڳوڻي آءِ جي سنڌ شعيب سدل، ذوالفقار/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي: نگران صوبائي وزير محمد احمد شاهه پريس ڪانفرنس ڪندي، صوبائي گورنر وزير حارث نواز به ويٺل آهي

سنڌ حڪومت پاران 24 ڊسمبر جي رات هڪ شاندار پروگرام منعقد ڪيو ويندو: محمد احمد شاهه

ڪراچي (م ڊ) نگران سنڌ حڪومت صوبي جي اقليتي برادري جي پلاڪي لاءِ سمورن منصوبن کي بروقت مڪمل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ سنڌ حڪومت پاران 24 ڊسمبر جي رات هڪ شاندار پروگرام منعقد ڪيو ويندو جنهن ۾ صوبي جي مسيحي برادري ۽ سڀني بزرگن کي شرڪت جي دعوت ڏجي ٿي، هن چيو ته ڪرسمس ۽ پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح

صوبي جي داخلي ۽ خارجي رستن تي اسمگلنگ روڪڻ لاءِ قدم کنيا ويا آهن: نگران صوبائي گورنر وزير

غيرقانوني پرڏيهين وٽ قانوني ڪاغذ آهن انهن کي ڪا به تڪليف نه ٿيندي: حارث نواز

سنڌ مان هن وقت تائين 41 هزار غيرقانوني پرڏيهي پنهنجي ملڪ ويا آهن

ڪراچي (م ڊ) سنڌ جي نگران گهرو وزير برگيڊيئر رٽائرڊ حارث نواز ۽ نگران اطلاعات واري وزير محمد احمد شاهه اچ سنڌ اسمبلي جي ڪمٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

3 ڀيرا وزيراعظم رهڻ واري کي 7 سالن کانپوءِ انصاف مليو: جاويد لطيف

8 فيبروري تي ٿيندڙ چونڊن ۾ 25 ڪروڙ عوام پنهنجي عدالت ۾ بيهاري نواز شريف جي حق ۾ فيصلو ڏيندو

هڪ نوجوان سياسي اڳواڻ به 16 مهينن جي قومي حڪومت جو حصو هو، جنهن کي خبر هئي ته نواز شريف کي چور ڪڍيو ويو

نوجوان سياسي ليڊر کي خبر هئڻ گهرجي ته ذوالفقار علي ڀٽو ووٽ کي عزت ڏيڻ لاءِ ويو ۽ ڪيس ڦاسي ڏني وئي

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ ن جي اڳواڻ جاويد لطيف جو چوڻ آهي ته 3 ڀيرا وزيراعظم رهڻ واري کي 7 سالن کانپوءِ انصاف مليو، لاهور ۾ ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

لاهور: مسلم ليگ ن جي اڳواڻ جاويد لطيف ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

افغانين سميت غيرقانوني پرڏيهين جي واپسي جو معاملو ڪميٽي حوالي

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ افغانين سميت غيرقانوني پرڏيهين جي واپسي جو معاملو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پنجاب ۾ 39 مريضن ۾ ڊينگي وائرس جي تصديق

صحت کاتي پنجاب ۾ ڊينگي جي مريضن جي تازي صورتحال بابت رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

هلندڙ سال پنجاب جي 36 ضلعن ۾ ڊينگي جا 14 هزار 931 تصديق ٿيل ڪيس سامهون آيا

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پنجاب صوبي ۾ گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڊينگي جا 39 نوان ڪيس سامهون آيا آهن پنجاب جي صحت کاتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

خضدار ۾ زلزلي جا لوڏا، خوف ۽ هراس پکڙجي ويو

زلزلي جي جهٽڪن سبب شهرين ۾ خوف پکڙجي ويو

زلزلي جي شدت ريڪٽر اسڪيل تي 4.9 هئي

خضدار (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بلوچستان جي شهر خضدار ۽ پرپاسي رارن علاقن ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا آهن زلزلي جي جهٽڪن سبب شهرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ن ليگ جو وڏو سرپرائز، پ پ قيادت جون ننڍيون ڦٽي ويون

ن ليگ جي بشير ميمڻ سياسي مخالفن جون ننڍيون ڦٽائي ڇڏيون

دوستن ۽ همدردن سان مشاورت کانپوءِ حتمي فيصلو ڪندس: سردار ڪمال خان ڇانگ

بدين (رپورٽر) بدين ۾ پ پ ڪي ن ليگ طرفان وڏو سرپرائز ملي ويو، پ پ جي مضبوط اڳواڻ ڪمال خان ڇانگ سان ن ليگ سنڌ جي صدر بشير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: پوليس اسٽريم ڪرائم ۾ ملوث ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو

جوابدارن وٽان پستل، منشيات ۽ موٽر سائيڪل برآمد ڪئي وئي: پوليس

گرفتار جوابدار حارث ۽ عائشا ڪياماڙي جا رهواسي آهن

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي علاقي ڪلفٽن ۾ پوليس اسٽريٽ ڪرائم جي الزام ۾ ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو فرنٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سنڌ فوڊ اٿارٽي ۽ جي ڊي سي فائونڊيشن فوڊ هينڊلرز جي رٽ جي ٽيسٽ لاءِ گڏجي ڪم ڪندا: آغا فخر

شهر ۾ اٽڪل 10 لک فوڊ هينڊلرز ڪم ڪري رهيا آهن

بلڊ ٽيسٽ هر سال ڪرائڻ جي ضرورت آهي ان لاءِ ڪي ايم سي سان تفصيلي ڪم جاري آهي

ڪراچي (م ڊ) ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين سڄي ملڪ ۾ خاص ڪري ڪراچي ۾ ڪم ڪندڙ پلاٽي ۽ غير سرڪاري تنظيم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اعظم سواتي، حماد اظهر، مراد سعيد سميت 18 اشتهارين جا سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ ڪرڻ جو فيصلو

سمورا جوابدار اي تي سي ۾ پيش ٿيڻ کان سواءِ قانوني حق حاصل نٿا ڪري سگهن: پوليس

جاچ ۾ شامل ٿيڻ تائين جوابدارن جا قومي سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ ڪيا ويندا، اشتهاري جوابدارن جا نالا نو فلائي ليسٽ ۾ شامل ڪيا ويا آهن

18 اشتهاري جوابدار نه ته جاچ ۾ شامل ٿيا نه ئي دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ پيش ٿيا

لاهور (م ڊ) لاهور پوليس 9 مئي واقعن تي پي ٽي آءِ اڳواڻن مراد سعيد، اعظم سواتي، حماد اظهر سميت 18 اشتهارن جا سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪراچي: ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين کي بلڊ بئنڪ ۾ بريفنگ ڏني پئي وڃي

دهشتگرد حملي جي مذمت، پاڪستاني عوام سان گڏ آهيون: آمريڪا

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي پرڏيهي وزير اينٿوني بلنڪن پاڪستان ۾ دهشتگرد حملي جي مذمت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

نقيب الله قتل ڪيس، رائو انوار سميت ٻين جوابدارن جي بريت خلاف اپيل ٻڌڻيءَ لاءِ منظور

دهشتگردي توڙ عدالت کان قتل ڪيس جو سمورو ريڪارڊ طلب ڪيو ويو، پراسيڪيوٽر جنرل کان به جواب طلب ڪيو ويو

جوابدارن کي بري ڪرڻ وقت ثبوتن کي نظر انداز ڪيو ويو، دهشتگردي توڙ عدالت جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي: مقتول جو ڀاءُ

ڪراچي (م ڊ) سنڌ هاءِ ڪورٽ نقيب الله قتل ڪيس ۾ اڳوڻي ايس ايس پي رائو انوار سميت ٻين جوابدارن جي بريت خلاف اپيل ٻڌڻيءَ لاءِ منظور ڪري ورتي آهي. دهشتگردي توڙ عدالت کان قتل ڪيس جو سمورو ريڪارڊ طلب ڪيو ويو. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

تحريڪ انصاف چونڊن لاءِ انتظامي آفيسرن جي مقرري کي رد ڪري ڇڏيو

اليڪشن ڪميشن جو فيصلو ڌانڌلي جا دروازا کولڻ جي برابر ۽ چونڊن جي شفافيت کي خاڪ ۾ ملائڻ جو اهم قدم آهي: ترجمان پي ٽي آءِ

پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه جي انتظامي مشينري پي ٽي آءِ کي چيئرمين ۾ ڪردار ادا ڪري رهي آهي

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف چونڊن جي لاءِ انتظامي آفيسرن جي مقرري کي رد ڪري ڇڏيو آهي، پي ٽي آءِ جي ترجمان طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته اليڪشن ڪميشن جو فيصلو ڌانڌلي جا دروازا کولڻ جي برابر ۽ چونڊن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

غزه بابت ٺهراءَ اڪثريت سان منظور، جنگبندي جو مطالبو

عالمي اداري جي جنرل اسمبلي جنگبندي واري مطالبي تي ٻڌل ٺهراءَ جي اڪثريتي راءِ سان منظوري ڏني، 153 ملڪن ٺهراءَ جي حمايت ۾ ووٽ ڏنو

آمريڪا، اسرائيل، آسٽريا ۽ پيراگوءِ سميت 10 ملڪن ٺهراءَ جي مخالفت ۾ ووٽ ڏنو، برطانيا، اٽلي، جرمني، هالينڊ ۽ يوڪرين سميت 23 ملڪ ووٽنگ دوران غير حاضر رهيا

اسرائيل غزه تي لاڳيتي بمباري سبب عالمي حمايت وڃائي رهيو آهي: آمريڪي صدر بائيڊن جو پهرين ڀيرو اسرائيل خلاف سخت بيان

نيويارڪ (م ڊ) گڏيل قومن غزه ۾ فوري جنگبندي جو مطالبو ڪري ڇڏيو. عالمي اداري جي جنرل اسمبلي جنگبندي واري مطالبي تي ٻڌل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

غزه: اسرائيلي بمباري سبب هڪ ڪٽنب محفوظ جاءِ لاءِ وڃي رهيو آهي

اسٽاڪ ايڪسچينج بلنديءَ کي ڇهڻ لڳو، 67 هزار جي حد پار

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج اچ رڪارڊ بلند ترين سطح تي آهي، اچ 100 انڊيڪس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

افغانستان مان جديد آمريڪي هٿيار پاڪستان اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام

طورخم بارڊر ٽرمينل تي ڪسٽم ۽ سيڪيورٽي فورسز ڪارروائي ڪندي افغانستان مان پاڪستان ايندڙ گاڏي مان آمريڪي هٿيار هٽ ڪري ورتا

جديد آمريڪي هٿيار چيڪنگ دوران بصر سان پريل پورين مان هٽ ڪيا ويا. جنهن کان پوءِ افغان ڊرائيور کي گرفتار ڪيو ويو آهي: ڊريعا

ڪوئٽه (م ڊ) پاڪستان جي سيڪيورٽي ادارن افغانستان مان طورخم رستي جديد آمريڪي هٿيار اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بنائي ڇڏيو آهي ڏريعن موجب طورخم بارڊر ترمينل تي ڪسٽم ۽ سيڪيورٽي فورسز ڪارروائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سنڌ پنجاب دنگ وٽان 2 ڇڻا اغوا ٿي ويا

هٿياربندن ڪوٽ سبزل ۽ سنجرپور جي رهواسي 2 ڇڻن عاصم ۽ واحد بخش کي اغوا ڪيو

هٿياربندن اغوا بعد ٻنهي مغوين جي زنجيرن ۾ ٻڌل حالت ۾ ويڊيو به سوشل ميڊيا تي جاري ڪري ڇڏي

ٻئي مغوي ڪرمپور جي علاقي ۾ بجليءَ جا ڪنيا هٽڻ لاءِ مزدوري تي ويا هئا: پوليس

اوپاوڙو (م ڊ) اوپاوڙو ويجهو سنڌ پنجاب دنگ وٽان 2 ڇڻا اغوا ٿي ويا آهن هٿياربندن ڪوٽ سبزل ۽ سنجرپور جي رهواسي 2 ڇڻن عاصم ۽ واحد بخش کي اغوا ڪيو هٿياربندن اغوا بعد ٻنهي مغوين جي زنجيرن ۾ ٻڌل حالت ۾ ويڊيو به سوشل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

عوام افواهن تي ڌيان نه ڏئي، چونڊون 8 فيبروري تي ٿينديون: فواد حسن فواد

امن امان جي صورتحال سبب چونڊن ۾ ديرنه ٿيندي، چونڊون ملتوي ٿيڻ جون خبرون صحيح نه آهن

آئين ۽ قانون کي ڏسندي چونڊن ۾ ديرجي گنجائش نه آهي، مولانا فضل الرحمان پنهنجي خدشن تي سپريم ڪورٽ يا اليڪشن ڪميشن رجي سگهي ٿو

نگران حڪومت غيرجانبداري سان سمورا معاملا انجام ڏئي رهي آهي، سياسي پارٽيون الزامن جي بجاءِ چونڊ منشور تي ڌيان ڏين

اسلام آباد (م ڊ) نگران وفاقي وزير فواد حسن فواد چيو آهي ته امن امان جي صورتحال سبب چونڊن ۾ ديرنه ٿيندي، چونڊون مقرر وقت تي 8 فيبروري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير فواد حسن فواد پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

اڇڙاتل ماڻهن جو پارٽي پارليامينٽ ۾ حملو: ويڊيو وائرل

نئين دهلي (م ڊ) پارٽي پارليامينٽ ۾ سخت سيڪيورٽي کي ٽوڙيندي به ماڻهو اسمبلي ميمبرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪابينا نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي قائم ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

ايجنسي قائم ڪرڻ سان شهرين لاءِ سائبر اسپيس کي محفوظ بڻائي سگهبو: ڊاڪٽر عمر سيف

ايف آءِ اي سائبر ڪرائم ونگ هاڻ نئين ايجنسي کي ذميواري ڏيندو

اسلام آباد (م ڊ) نگران وفاقي ڪابينا سائبر ڪرائم جي وڌندڙ واقعن جي روڪٿام لاءِ نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي قائم ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. ڪابينا اجلاس ڪانپوءِ صحافين کي بريفنگ ۾ آءِ ٽي بابت نگران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

حيدرآباد: هٽڙي واري علاقي ۾ جهيڙي دوران هڪ ڇڻو قتل

ڳوٺ سعيد خان بروهي ۾ سگاوتي تڪرار تان جهيڙي دوران هڪ ڇڻو مارجي ويو

مقتول جي سڃاڻپ 65 ورهين جي بشير پٽ حاجي محمد بروهي جي نالي سان ٿي

واقعو سگاوتي تڪرار تان جهيڙي دوران پيش آيو، معاملي جي جاچ ڪئي پئي وڃي: پوليس

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) حيدرآباد جي هٽڙي واري علاقي ۾ جهيڙي دوران هڪ ڇڻو قتل ٿي ويو. هٽڙي جي ڳوٺ سعيد خان بروهي ۾ سگاوتي تڪرار تان جهيڙي دوران هڪ ڇڻو مارجي ويو هٽڙي پوليس موجب مقتول جي سڃاڻپ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي: پ پ جي اڳواڻ ڪمال خان ڇانگ ن ليگ سنڌ جي صدر بشير ميمڻ سان ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي: پ پ جي اڳواڻ ڪمال خان ڇانگ ن ليگ سنڌ جي صدر بشير ميمڻ سان ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي: پوليس آفيسر جي گهر ۾ ڦرلٽ، 5 ڪروڙ روپيا لٽجي ويا

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي علاقي ڊيفنس ۾ پوليس آفيسر جي گهر ۾ ڦرلٽ ٿي آهي، 5 ڪروڙ روپيا لٽجي ويا آهن پوليس موجب واقعو ڪلفٽن ۾ ٿيو آهي، ڦرلٽ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

نوشهروفيروز ۾ هيلٿ پروفيشنل پئرامڊيڪس ايسوسيئيشن سنڌ جو اجلاس

صوبائي اڳواڻ جي آمد تي اسٽاف پاران گلن جي ورڪا ڪري سندن ڀرپور آجيان ڪئي وئي

هيءَ واحد تنظيم آهي جيڪا پيرامڊيڪل اسٽاف جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي رهي آهي : اڳواڻ

ٻين تنظيمن کي ڇڏي هيلٿ پروفيشنل جي قيادت تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي شموليت جو اعلان ڪريون ٿا

نوشهروفيروز (ڊ) هيلٿ پروفيشنل پئرامڊيڪس ايسوسيئيشن سنڌ جي صوبائي اڳواڻ محمد قاسم ڪوسو جي صدارت ۾ گورنمينٽ ڊسپينسري چتو برهماڻي جو اجلاس ٿي گذريو.

نوشهروفيروز: هيلٿ پروفيشنل پئرامڊيڪس ايسوسيئيشن جا اڳواڻ گڏجاڻي ڪري رهيا آهن

صوبائي اڳواڻ جي آمد تي اسٽاف پاران گلن جي ورڪا ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڊي ايس پي پريا وٽ زيڊ ايڪويهه جو ڪاروبار ڪندڙ شهري تويهه لاءِ سندس آفيس پهچي ويو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڊي ايس پي پريا حبيب الرحمان لاشاري وٽ پريا واسي زيڊ ايڪويهه جو ڪاروبار ڪندڙ شهري تويهه لاءِ سندس آفيس پهچي ويو. ان سلسلي زيڊ ايڪويهه جو ڌڌو ڪندڙ شاهنواز راجپوت ٻڌايو پهريان زيڊ ايڪويهه هلاڪيندو هيس مون تي پوليس پاران منشيات جا ڪيس داخل ڪيا هاڻ مان خدا کي حاضر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سنڌ ۾ ڪيترا/ به اتحاد ٺهن پر ڪو فرق نٿو پوي : پيلي رڪيو خان لاکو

ايندڙ اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي وڏي اڪثريت سان سوپ ماڻيندي

عوام اسان کي ڪامياب ڪندو ۽ بلاول ڀٽو ذرداري ملڪ جو وزيراعظم ٿيندو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) سنڌ ۾ ڪيترا به اتحاد ٺهن پر ڪو فرق نٿو پوي پيپلز پارٽي شهيدن جي پارٽي آهي ايندڙ اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي وڏي اڪثريت سان سوپ ماڻيندي اهڙن خيالن جو اظهار پيپلزپارٽي سنڌ ڪائونسل جي اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سلطانپور ۾ سان 80 سالن جي ٻڍڙي عورت پاران احتجاج

بااثر مختيار ملائو، اختيار، نثار ۽ ٻين اسان کي گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي : عورت

زمين مان شريعت ۽ قانون مطابق سندن حقي حصو ڏياريو وڃي ڏياريو وڃي

سلطانپور (رپورٽ) سلطانپور پرسان 80 سالن جي ٻڍڙي عورت جو ٻنهنجي پٽن کي جائيداد مان حصو نه ملڻ خلاف احتجاج. حصو ڏيارڻ جي گهر تفصيل موجب سلطانپور جي گوٺ قائم الدين ملائو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سلطانپور: ٻڍڙي عورت ميڊيا آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري رهي آهي

سڪر ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا

يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف 122 ڏينهن به احتجاج ڪيو ويو

شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري تائين احتجاجي تحريڪ جو اعلان ڪيو ويو آهي : اڳواڻ

19 ڊسمبر تي ملڪ گير احتجاج ڪيو ويندو، 25 ڊسمبر تي سڄي سنڌ جي پريس ڪلبن ٻاهران علامتي بک هڙتال ڪئي ويندي

سڪر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سڪر ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل 122 ڏينهن مڪمل ٿيڻ باوجود گرفتار نه ڪيا ويا، صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري. سڪر يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد صحافي جان محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نوشهرو فيروز پوليس وسيم سومرو ۽ عامر سهتو کي گرفتار ڪري ورتو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز پوليس وسيم سومرو ۽ عامر سهتو کي گرفتار ڪري ورتو. ملزمن تي مبينا طور الزام آهي ته هو جديد سافٽ ويئر جي مدد سان چوري ٿيل موبائلن جا آئي ايم اي نمبر تبديل ڪندا هئا ته جيئن چوري ٿيل موبائيل ٽريس نه ٿي سگهن. هنن مٿان گناهه نمبر 447/2023 قلم 420/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سڪر: صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

لاڪڙا ڪول فيلڊ ۾ ماني ديرسان ملڻ تان مزدورن ۾ جهيڙو، 4 ڄڻا زخمي

هڪ ڌرجو صابر ڪوسو ۽ ٻي ڌرجا حيات الله پٺاڻ ثناءُ الله پٺاڻ سميت 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا

زخمين کي انڊس ڪول پوليس ليٽر ڏئي تعلقه اسپتال مانجهند منتقل ڪيو ويو

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) لاڪڙا ڪول فيلڊ جي سنڌ لاڪڙا ڪول جي ميس ۾ ماني ديرسان ملڻ جي معاملي تان مزدورن جي ٻن گروپن ۾ جهيڙو ٿي پيو لڙائيون ۽ پٿرلڳڻ جي نتيجي ۾ هڪ ڌرجو صابر ڪوسو ۽ ٻي ڌرجا حيات الله پٺاڻ ثناءُ الله پٺاڻ سميت 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين کي انڊس ڪول پوليس ليٽر ڏئي تعلقه اسپتال مانجهند منتقل ڪيو جتي زخمين جي ملم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

روهڙي ۾ سان اوڏ برادري پاران جوابدارن جي عدم گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو

اوڏ، ماس، اربيلي، گلشن، ڪرشما، امير، دلبر اوڏ ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو، سخت نعريبازي

جوابدارن جي حالت ۾ اسان جي گهرن ۾ داخل ٿي عورتن مردن ۽ ٻارڙن کي تشدد جو نشانو بڻايو : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪرائي موٽر سائيڪلين واپس ڏياري انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

سڪر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) روهڙي چوهارا مارڪيٽ پرسان رهندڙ اوڏ برادري پاران جوابدارن جي عدم گرفتاري خلاف مردن عورتن جو معصوم ٻارڙن سان گڏ سڪر پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي مظاهرو جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪرڻ جي مطالبو ان موقعي تي مظاهرين پريم اوڏ، ماس، اربيلي، گلشن، ڪرشما، امير، دلبر اوڏ ۽ ٻين ٻڌايو ته رات ديرسان جوابدار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سڪر: اوڏ برادري جا ماڻهو جوابدارن جي عدم گرفتاري خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سڪر جي گوليمار واري علاقي جي رهواسي 9 ٻارن جي ماءُ پاران احتجاج

سڪر (رپورٽ :امداد علي گل ڪلوڙ) سڪر جي گوليمار واري علاقي جي رهواسي 9 ٻارن جي ماءُ اقسانا شيخ پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏ سڪر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته سندس مڙس محمد رمضان شيخ پنهنجي پٽ راٻيل جي توجوان ڙال سان ناجائز تعلق جوڙيو آهي جڏهن مون پوليس وٽ شڪايت ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺٽو : نالياورو ڪلاسيڪل ڳائڻو زندگيءَ موت جي جدوجهد ۾ مبتلا

محبوب خاصخيلي پنهنجي گهر ۾ جگر جهڙي موضي مرض خلاف جنگ وڙهي رهيو آهي

محبوب خاصخيلي جهڙن بهترين فنڪارن سان ماڻيلي ماءُ وارو سلوڪ جاري رکيو آهي

ٺٽو (رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) سنڌ جي ثقافت ڪاتي جي پي حسي سبب سنڌ جو نالياورو ڪلاسيڪل ڳائڻو زندگيءَ موت جي جدوجهد ۾ مبتلا سنڌ صوبو جنهن بهترين فنڪارن ۽ گلوڪارن کي جنم ڏنو آهي جن ملڪ سميت سموري دنيا ۾ پنهنجي فن سان سنڌ ۽ ملڪ جو نالو مشهور ڪيو آهي جهن ۾ ٺٽي سان واسطو رکندڙ نالياورو سنڌي ڪلاسيڪل راڳي محبوب خاصخيلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٺٽي ۾ تعلقو ايجوڪيشن آفيسر ميل پاران مڊ ٽرم امتحانن جو اوچتو دورو

پرائمري اسڪول تاج محمد عباسي ٺٽو ۾ اسڪول جي پاران جي مڊ ٽرم امتحانن جو جائزو پڻ ورتو

تعليم حاصل ڪرڻ سان ڪامياب جهالت کي پڻ ختم ڪري سگهجي ٿو : محمد بخش بهرائي

ٺٽو (رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) تعلقو ايجوڪيشن آفيسر ميل ٺٽو محمد بخش بهرائي مختلف اسڪولن ۾ هلندڙ مڊ ٽرم امتحانن جو اوچتو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٺٽي ۾ تعلقو ايجوڪيشن آفيسر ميل پاران مڊ ٽرم امتحانن جو اوچتو دورو

پرائمري اسڪول تاج محمد عباسي ٺٽو ۾ اسڪول جي پاران جي مڊ ٽرم امتحانن جو جائزو پڻ ورتو

تعليم حاصل ڪرڻ سان ڪامياب جهالت کي پڻ ختم ڪري سگهجي ٿو : محمد بخش بهرائي

ٺٽو (رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) تعلقو ايجوڪيشن آفيسر ميل ٺٽو محمد بخش بهرائي مختلف اسڪولن ۾ هلندڙ مڊ ٽرم امتحانن جو اوچتو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سڪر : ناري فائونڊيشن پاران عورتن کي تنظيم ٺاهڻ جو حق ڏيڻ جي گهر

2019ع ۾ هاري مزدور عورتن جا حق، روميٽز ايگريڪلچر رائيٽس ايڪٽ پاس ڪيو ويو : اڳواڻ

وقت تي اجرت نه ڏني وڃي ۽ ڪين ذهني اذيت ۽ استحصال جو شڪار ٿيڻو پوي ٿو

سڪر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سڪر ۾ ساڃاهه وندن سنڌ ورمين ايگريڪلچر ورڪرس ايڪٽ 2019 جا قاعدا قانون نه هجڻ تي گڏجي ظاهر ڪندي اهي ٺاهڻ ۽ عورتن کي تنظيم ٺاهڻ جو حق ڏيڻ جي گهر ڪئي آهي. ناري فائونڊيشن. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سڪر ۾ جاري ترقياتي ڪمن جو جائزو وٺڻ لاءِ پ پ اڳواڻن پاران دورا

ميئر سڪر ارسلان اسلام شيخ ۽ ٻين اڳواڻن يوسي 5 جي مختلف علاقن جو دورو ڪيو

شهر جي سمورن سهولتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي ڪم ڪيو پيو وڃي : ارسلان اسلام شيخ

سڪر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سڪر شهر ۾ جاري ترقياتي ڪمن جو جائزو وٺڻ لاءِ پ پ جا چونڊيل نمائندا يو ايس سي سميت مختلف علاقن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سڪر: ميئر ارسلان اسلام شيخ هلندڙ ترقياتي ڪمن جو جائزو وٺي رهيو آهي

بينظير ٽيوٽ ميڊيڪل يونيورسٽي جي ميزباني هيٺ جاري فٽبال چيمپيئن شپ ۾ مقابلا جاري

آءِ بي اي ۽ شهيد محترمه بينظير ٽيوٽ ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو جي وچ ۾ دلچسپ مقابلو ٿي گذريو

موجب آءِ بي اي، مهراڻ يونيورسٽي کي ٽن گولن تان شڪست ڏني، قائد عوام جام يونيورسٽيءَ وچ ۾ مقابلو

محترمه بينظير ٽيوٽ ميڊيڪل يونيورسٽيءَ جي ٽيم ٽي ، ٻه جي مقابلي سان ڪٽي چيمپين شپ جي فاتح بڻجي وئي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) شهيد محترمه بينظير ٽيوٽ ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو جي ميزباني هيٺ جاري فٽبال چيمپيئن شپ جي ٻي ڏينهن سيمي فائنل جا مقابلا ٿي گذريا جنهن موجب آءِ بي اي ، مهراڻ يونيورسٽي کي ٽن گولن تان شڪست ڏني ، جڏهن ته قائد عوام انجنيئرنگ يونيورسٽي ۽ تندو جام يونيورسٽيءَ وچ ۾ ٿي گذريو جنهن قائد عوام ٽي گول ڪيا ۽ هڪ گول جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊو محمد خان جي شهري علاقي ۾ گندگي جي آزار خلاف علامتي بک هڙتال

رضا محمد خاصخيلي، الهبخش چوهاڻ، احمد سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

ميونسپل ڪميٽي پاران عوام جي مفادن ۾ ڪو به ترقياتي ڪم نه ڪرايو ويو آهي : مظاهرين

شهر جي اندر هر هنڌ ڪچري جا ڍير ٿي ويا آهن، شهرين جي عام زندگي متاثر ٿي رهي آهي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي شهري علاقي ۾ گندگي جي آزار، ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين ، عملدارن خلاف 3 ڪائونسلرن جي اڳواڻي ۾ شهرين جي علامتي بک هڙتال ، ميونسپل ڪميٽي جي آڏو 15 ڊسمبر تي ڌرڻي جو اعلان ڪيو ويو آهي ، خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي شهري علاقي ۾ صفائي جو نظام بهتر نه هجڻ جي ڪري گندگي جو آزار پيدا ٿيڻ سان گڏ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽنڊو محمد خان: جسٽس پاران وڏندڙ بدامني ۽ گندگي جي آزار خلاف علامتي بک هڙتال ڪئي پئي وڃي

نئون ڪوٽ : ڪيس ۾ جوابدارن جي اپيل تي سنڌ هاءِ ڪورٽ محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائي اپيل اڪلائي ڇڏي

نئون ڪوٽ (رپورٽ) نئون ڪوٽ جي سنيئر صحافي محمد عمر ساگر جي نندي ڀاءُ انور علي لاشاري جي قتل ڪيس ۾ جوابدارن جي اپيل تي سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئينچ حيدرآباد جي عدالت محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائي اپيل اڪلائي ڇڏي. مک جوابدار حاجن شر کي لڪل عمر قيد 13 ڊي ڪيس ۾ عبدالمجيد کي زخمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سيندارجا ۾ سماجي تنظيم انسان دوست سوشل آرگنائيزيشن طرفان ووٽ ڏيڻ بابت سيمنار منعقد

عورتن، سماجي اڳواڻن، مختلف پارٽين جي اڳواڻن ۽ وڪيلن سميت صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

تربيت ڏين ته جيئن ڪو معذور آساني سان ووٽ ڏئي جمهوري عمل ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن: اڳواڻ

رحيمداد جوڳي، نيڊس جي فوزيا خان، انسان دوست سوشل آرگنائيزيشن جي عبدالجبار سميت ٻين پڻ خطاب ڪيو

سيندارجا (رپورٽر) سماجي تنظيم انسان دوست سوشل آرگنائيزيشن طرفان اليڪشن ۾ معذور عورتن کي ووٽ ڏيڻ ۾ پيش ايندڙ ڏکيائين بابت سيمنار منعقد ڪيو ويو. وڏي انگ ۾ عورتن، سماجي اڳواڻن، مختلف پارٽين جي اڳواڻن ۽ وڪيلن سميت صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. اليڪشن ۾ ووٽ ڏيڻ جي لاءِ ايندڙ عورتن کي پيش ايندڙ ڏکيائين کي ختم ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ايڊووڪيٽ نسا خليفه شڪيل باقائدي سياست ۾ اچڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

منهنجو بابا پ پ تعلقي جو صدر هيو ۽ عشر زڪوات جو ضلعي چيئرمين پڻ هو : نسا شڪيل

پنهنجي پارٽي جي پليٽ فارم تان سياست ڪندس ۽ ابو جي راهه کي روشن ڪندس

نوشهرو فيروز (ڊ ر) ايڊووڪيٽ نسا خليفه شڪيل باقائدي سياست ۾ اعلان ڪري ڇڏيو. ميڊيا سان ڳالهائيندي ايڊووڪيٽ نسا شڪيل احمد ميمڻ چيو ته اسان کي اوچتو بابا جي شهادت تي وڏو دڪو رسيو اهو صدمو اسان کي بجليءَ جي شاڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

بينظير ٽيوٽ جي 16 هين ورسي جي سلسلي ۾ پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ پاران اجلاس

قل سميت ٻين يوسيز جي عورت عهديدارن، اڳواڻن ۽ عورت جيالن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

گڏجاڻيون ڪري رهيون آهن ته جيئن وڌ کان وڌ عورتن جي شرڪت کي يقيني بڻائي سگهجي: اڳواڻ

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ اسلامي دنيا ۽ ملڪ جي پهرين عورت وزيراعظم شهيد محترمه بينظير ٽيوٽ جي 16 هين ورسي جي سلسلي ۾ پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ تعلقي جي گڏجاڻي ضلعي صدر اڳواڻي ايم اين اي آپا تصيبه جٽ جي صدارت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

لاڙڪاڻو: شهيد بينظير ٽيوٽ جي ورسي جي حوالي سان ب ب ليڊيز ونگ جي ٽيل گڏجاڻي جو ڏيک

خانپور مهر پرسان چوري جي ڪوشش، ڳوٺاڻن هٿان 2 چور سوگها، 2 فرار، ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) گذريل رات ديرسان خانپورمهر لڳ ڳوٺ گلزار مهر ۾ سومرا برادري جي گهرن مان چوري جي ڪوشش دوران گهر ڌڻي سجاڳ ٿي چورن جو پيچرو ڪري پن چورن کي سوگهو ڪري خانپورمهر پوليس حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته 2 ڄڻا فرار ٿي ويا. ان سلسلي ۾ خانپورمهر پوليس جو چوڻ آهي معاملي جي ڄاڻ ڪئي پئي وڃي پڪڙيل چورن جي سڃاڻپ منظور پٽ هاشر مهر ويسل ڳوٺ ساڻي مهر ۽ اختر ولد چتو مهر ويسل نروبا غ طور ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

پڊعيدن لڳ ڳوٺ يوسف راڄپر جي رهواسين پاران بااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو

علي شير ملڪ گهرواري مسمات پٽاڻي ۽ ٻيڻ مسمات نجمان ملڪ سان گڏ احتجاج ڪيو

سعيد خان راڄپر جي پٽ مانو راڄپر معصوم 7 سالن جي پٽ سان زوري زنا ڪئي آهي: علي شير ملڪ

اسان مسڪين آهيون اسان کي سعيد خان راڄپر وارا موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ته ڪيس تان هٽ ڪٽو

پڊعيدن (رپورٽر) پڊعيدن لڳ ڳوٺ يوسف راڄپر جي رهواسين علي شير ملڪ جو پنهنجي گهرواري مسمات پٽاڻي ۽ ٻيڻ مسمات نجمان ملڪ سان گڏ راڄپر برادري جي ماڻهن سعيد خان راڄپر مانون راڄپر راج محمد راڄپر جي تاجائزن ۽ موت مار ڌمڪين ۽ ننڍي دلشير احمد ملڪ سان زوري زنا ڪرڻ خلاف نيشنل پريس ڪلب پڊعيدن اڳيان احتجاج ان موقعي تي علي شير ملڪ ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

لاڙڪاڻي ۾ بينظير انڪم سپورٽ جي هر قسط مان ڊوائيز مافيا سري عام ڪٽوتي ڪرڻ لڳا

لاڙڪاڻو شهر جي سينيئر صحافي سعيد نور وڳڻ پاران ڪٽوتي خلاف احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو

هر قسط مان ڊوائيز مافيا هڪ هزار روپيا غريب مسڪين عورتن جا پئسا ڪٽوتي ڪري رهيا آهن

ڪرپٽ ڊوائيز مافيا جي مٿان سخت قدم ڪنيو وڃي ته جيئن مسڪين غريب عورتن کي رليف ملي سگهي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻو شهر جي سينيئر صحافي سعيد نور وڳڻ شهيد بينظير ٽيوٽ پريس ڪلب لاڙڪاڻو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ڊي آئي جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي لاڙڪاڻو ڊي سي لاڙڪاڻو اي سي لاڙڪاڻو ۽ مئير لاڙڪاڻو کي گذارش آهي ته بينظير انڪم سپورٽ جي هر قسط مان ڊوائيز مافيا سري عام پنج سو ڪان هڪ هزار روپيا غريب مسڪين عورتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

قاضي احمد ۾ محمد نواز شريف العزيز ريفرنس مان بري ٿيڻ جي خوشي ۾ ريلي

قاضي احمد (رپورٽر) قاضي احمد پاڪستان مسلم ليگ ن جي سربراه ميان محمد نواز شريف العزيز ريفرنس مان بري ٿيڻ جي خوشي ۾ پاڪستان مسلم ليگ ن تعلقه قاضي احمد جا ڪارڪن خوشي ۾ گهر کان ٻاهر نڪري آيا ڪارڪنن حافظ ريحان صديقي پاران مٺائي تقسيم ڪئي وئي جنهن بعد ڪارڪن مسلم ليگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

لاڙڪاڻو: سينيئر صحافي سعيد نور ڪم سپورٽ جي رقم مان ڪٽوتي خلاف احتجاج ڪندي

سانگهڙ جي سينيئر صحافي محمد قذافي ۽ عثمان رحماني جو جنم ڏينهن ملهايو ويو

سينيئر صحافين محمد قذافي تنولي ۽ عثمان رحماني جو جنم ڏينهن انتهائي سادگيءَ سان ملهايو ويو

نيشنل پريس ڪلب ۾ پروگرام ۾ سياسي، سماجي ۽ نيشنل پريس ڪلب جي ميمبرن پڻ شرڪت ڪئي

سينيئر صحافي غلام مصطفيٰ يوسفزئي جو لاڏاڻو ٿيو آهي، جنهن جو ڏک اسان جي دلين ۾ موجود آهي: اڳواڻ

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ جي سينيئر صحافي محمد قذافي ۽ عثمان رحماني جو جنم ڏينهن نيشنل پريس ڪلب سانگهڙ ۾ سادگي سان ملهايو ويو پروگرام ۾ سياسي، سماجي ۽ نيشنل پريس ڪلب جي ميمبرن پڻ شرڪت ڪئي. خبر موجب: سانگهڙ نيشنل پريس ڪلب ۽ صحافين محمد قذافي تنولي ۽ عثمان رحماني جو جنم ڏينهن انتهائي سادگيءَ سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

خانڀڳڙهه ۾ مرڪزي جماعت اهلسنت پاڪستان جي بادي جي چونڊ

تعلقي خانڀڳڙهه جو امير عبدالقادر مهر، نائب امير استاد ميرحسن مهر چونڊيا ويا

نئين چونڊجي آيل عهديدار کان حلف ورتو ويو ۽ ڪين گلن جا هار پارايا ويا

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانڀڳڙهه ۾ مرڪزي جماعت اهلسنت پاڪستان تعلق جي بادي چونڊي وئي. عبدالقادر مهر تعلقه امير چونڊيو ويو تفصيل موجب: مرڪزي جماعت اهلسنت پاڪستان تعلقه خانڀڳڙهه جي چئن سالن لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

خانپور مهر: مرڪزي جماعت اهلسنت پاڪستان جا چونڊيل عهديدار دعا گهري رهيا آهن

سرڪاري ڪم ڪارلاءِ پنهنجا فوڪل پرسن مقرر ڪبا وڃن : حسن جان چنگيزي

رٽائرمينٽ جي تاريخ جي بنياد تي ميرٽ لسٽ ٺاهڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي

ڊي اوز کي گهرجي ته رٽائر ٿيل ملازمن جا بل ضلعي اڪائونٽس آفيس ۾ جمع ڪرائن

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز ضلعي اڪائونٽس آفيسر حسن جان چنگيزي هڪ پڌرائي ۾ چيو آهي ته رٽائرڊ سرڪاري ملازمن جي پينشن/ ڪميوٽيشن ۽ ايل پي آر جي رقم جي ادائگي جي نظام کي بهتر ۽ شفاف بڻائڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سلطانپور واسي جوڙي ڪراچي جي عدالت ۾ پيار جو پرٽو ڪري ڇڏيو

منهنجا وارث منهنجو مامو ۽ ٻيا وارث جان جا ويري بڻجي ويا آهن : ناري

مائٽ موتمار ڏمڪيون ڏئي رهيا آهن اسان کي انهن مان جان جو خطرو آهي

سلطانپور (رپورٽ قربان علي مهر) سلطانپور واسي جوڙي ڪراچي جي عدالت ۾ پيار جو پرٽو ڪري ڇڏيو. تحفظ جي اپيل تفصيل موجب سلطانپور جي گوٺ منگهو ميائي واسي نوجوان محمد سليم پٽ محمد عثمان ميرائي، روهڙي واسڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

بدين ۾ نصير آباد واسي پريمي جوڙو تحفظ لاءِ پهچي ويو

مائٽ ميهار، بشير، شبير ۽ ٻيا جان جا ويري بڻجي ويا آهن : جوڙو

ڪوڙا ڪيس داخل ڪري گهرڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو آهي، انصاف ڏياريو وڃي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي شهر نصير آباد واسي پريمي جوڙو تحفظ لاءِ ايوان صحافت بدين پهچي ريو ملير ڪورٽ ڪراچي ۾ پسند جو پرٽو ڪندڙ جوڙو ناري صائمه چنجڻي ايوان صحافت پهچي پريس ڪانفرنس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

بدين: پسند جو پرٽو ڪندڙ جوڙو تحفظ جي اپيل ڪري رهيو آهي

نوشهروفيروز مختيارڪار پاران ڪم ڪار نه ڪرڻ خلاف عملي ۽ تپيدارن جو گڏيل احتجاج

تپيدار عبدالمجيد ڳوراهو، تپيدار نالي مٺو پيرزادو، ملوڪ راڄپر، غلام مرتضا پاران ريلي ڪڍي وئي

مختيارڪار نوشهروفيروز جي آفيس جي چارج مختيارڪار عزيز جوڻيجو سنبالي آهي: نالي مٺو پيرزادو

نااهل مختيارڪار کي هٽائي اهل مختيارڪار مقرر ڪرايو وڃي ته جيئن آفيس جو ڪاروهنوار هلي سگهي

نوشهروفيروز (رپورٽ) نوشهروفيروز مختيارڪار پاران ڪم ڪار نه ڪرڻ خلاف آفيس عملي ۽ تپيدارن جو گڏيل احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي تپيدار عبدالمجيد ڳوراهو ، تپيدار نالي مٺو پيرزادو ، ملوڪ راڄپر ، غلام مرتضا مشوري بابر لاشاري ۽ ٻيا ڪري رهيا هيا جن نعري بازي پڻ ڪئي ان موقعي ڌرڻي تي ويٺل مظاهرين ميڊيا اڳيان داڻهيندي چيو ته جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهروفيروز ميونسپل جي ملازمن کي 4 مهينن کان پگهارون نه ملڻون، ملازم سراپا احتجاج

احتجاج دوران ميونسپل ملازمن ۽ جاني پيرزاده پاڻ مٿان پيٽرول هاري باهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي

اسان جي ٻچن تي آفيسرن کي رحم نٿو اچي اسان جا ٻچا 4 مهينن کان فاڪا ڪشي تي آهن: مظاهرين

نوشهروفيروز (رپورٽ) ميونسپل جي ملازمن کي چار مهينن کان مسلسل پگهارون نه ملڻون ملازم سراپا احتجاج نيشنل پريس ڪلب اڳيان تائرن کي باهين ڏئي سخت نعري بازي ڪئي ميونسپل ڪاميٽي جي ملازمن ٻڌايو ته چار مهينن کان پگهارون بند آهن ميونسپل ملازمن ۽ جاني پيرزاده پاڻ مٿان پيٽرول هاري باهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي شهر جي ماڻهن وڏي ڪوشش ڪان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز: ميونسپل ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ناري تعلقي وليج ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن پاران فري ايڊ فيئر اليڪشن نيٽ ورڪ جي سهڪار سان سيمينار

نارو (رپورٽر) ناري تعلقي وليج ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن VDO طرفان فري ايڊ فيئر اليڪشن نيٽ ورڪ فافن ۽ گوٺ سينگار فائونڊيشن جي سهڪار سان عورتن جي ووٽن ۾ پيش ايندڙ رڪاوٽن بابت هڪ سيمينار VDO آفيس چونڊڪو ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ عورتن مردن سول سوسائٽي جي نمائندن سياسي پارٽين جي اڳواڻن صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سيمينار ۾ شرڪت ڪندڙن ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊو محمد خان ۾ جيئي سنڌ محاذ پاران احتجاج جاري

بدامني جو راڪاس، ڏوهن ۾ اضافو ٿيڻ ۽ منشيات خلاف احتجاج ڪيو ويو

شهر هاڻي بدامني جو علاقو بڻجي ويو آهي ڪيرواهر ڪرڻ وارو ناهي : مظاهرين

تعليمي ادارن اندر شاگرد ۽ شاگردياڻيون آئيس جو استعمال ڪري پنهنجي زندگي اپاهج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ جيئي سنڌ محاذ پاران بدامني جو راڪاس، ڏوهن ۾ اضافو ٿيڻ، منشيات جي ڪلي عام واهپي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو . خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ جيئي سنڌ محاذ طرفان علاقي جي اندر بدامني جي ڪري چورين ڦرن جي واردانن ۾ تيزي اچڻ ، منشيات جي واهپي خلاف جيئي سنڌ محاذ رياض چانڊيو گروپ جي مرڪزي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

خميس 14 ڊسمبر 2023ع

رياستي پاليسيون ۽ ديس جا ٻچا گڙڪائيندڙ دهشتگردي

ملڪ ۾ دهشتگرديءَ جو آدمخور راڪاس "آدم بوءِ- آدم بوءِ" ڪندو ويڙهاڪ ويران ڪندو رهي ٿو. دهشتگرد قوتون ايتريون ته منظم آهن، جو اهي جڏهن به ۽ جتي به چاهين ٿيون، باهه ۽ بارود سان راند ڪري وڏو نقصان ڪري ٿيون وڃن ۽ هاڻي ته انهن قوتن جو نشانو پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز بڻجي رهيون آهن. شايد ئي ڪو ڏينهن هجي، جڏهن دهشتگرديءَ جي ڪنهن واقعي جي خبر خبر ميڊيا جي توسط سان دنيا تائين نه پهچندي هجي. دهشتگرديءَ خلاف توڙي جو ملڪي فورسز مسلسل ويڙهاند ۾ رهيون آهن، پر ان جي باوجود دهشتگرديءَ ۽ گهٽتائي نه پئي اچي. ڊي آءِ خان ۾ فورسز جي دهشتگردن خلاف ڪارروائيءَ ۾ 27 دهشتگرد مارجي ويا آهن، جڏهن ته 25 فوجي جوان شهيد ٿيا آهن. جنهن مان اهو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو ته دهشتگرديءَ جو نيٽ ورڪ ڪيترو منظم ۽ سگهارو آهي، جو دهشتگرد، ٽولن جي صورت ۾ سيڪيورٽي فورسز جي چوڪين تي يا انهن جي گاڏين تي حملا ڪري رهيا آهن.

ڪئين ڏهاڪن کان هي ملڪ بدترين دهشتگرديءَ جي ور چڙهيل رهيو آهي. هن ملڪ ۾ دهشتگردي وڏڻ جا بنيادي سبب رياستي پاليسيون آهن. جنرل ضياءَ جي دور کان وٺي هن ملڪ ۾ ڪلاشنڪوف ڪلچر ۽ هٿيار عام ٿيا. اها ڳالهه هاڻي لکل نه رهي آهي ته رياستي سرپرستي ۾ "وار لارڊز" پيدا ڪيا ويا، جن کي افغانستان ۾ سوويت يونين خلاف جنگ ۾ استعمال ڪيو ويو. اسان آمريڪي مفادن جي جنگ وڙهي ۽ نتيجي ۾ اسان جو ملڪ جنگ جو ميدان بڻجي ويو. جنرل مشرف جي دور ۾ به دهشتگرديءَ خلاف عالمي جنگ جي نالي ۾ اسان آمريڪي مفادن جي جنگ وڙهي. پاڪستان آمريڪا جو غير نيٽو اتحادي هو. ان دور ۾ به اسان جو ملڪ دهشتگرديءَ جو ميدان بڻيل رهيو. ايترو نقصان آمريڪا ۽ ان جي نيٽو اتحادين جو نه ٿيو، جيترو نقصان پاڪستان جو ٿيو. خودڪش حملن ۽ هر قسم جي دهشتگرديءَ ۾ نه صرف سيڪيورٽي فورسز جا جوان شهيد ٿيا پر وڏي تعداد ۾ عام ماڻهو پڻ انهن حملن ۾ شهيد ٿيندا رهيا. انفرا اسٽرڪچر تباهه ٿيو. مطلب ته هن آمرن جي دور ۾ دهشتگرديءَ ۽ دهشتگردن کي هن ملڪ ۾ راهداري ملي ۽ مقدس جنگ جي نالي ۾ تمام وڏو نقصان ٿيو. غلط رياستي پاليسين جي نتيجي ۾ "سٺا ڪٽابي" ۽ "خراب ڪٽابي" وارا اصطلاح تخليق ٿيا. رهيل ڪسر عمران خان جي حڪومت ۾ پوري ٿي وئي. آمريڪا جو افغانستان مان نڪرڻ ۽ "ڪٽابين" جي قبضي کانپوءِ افغانستان جي جيلن مان اهي "ڪٽابي" آزاد ڪيا ويا، جيڪي پاڪستان ۾ حملن ۾ ملوث هئا ۽ پاڪستان کي گهريل هئا. ٻئي طرف پاڪستان ۾ جيلن مان "ڪٽابين" کي آزاد ڪيو ويو. افغانستان جي جيلن مان پاڪستان کي گهريل "ڪٽابين" جي آزاد ٿيڻ کانپوءِ "راشر راشر" جي رٽ لڳائي انهن کي پاڪستان ۾ راهداري ڏني وئي ۽ قبائلي علائقن ۾ "ڪٽابين" گڏجي مقامي ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو. پنهنجا قانون رائج ڪيائون ۽ انهن تي عمل ڪرڻ ۽ سزائون ڏيڻ شروع ڪيائون. اتي جي مقامي ماڻهن جي مهينن تائين احتجاج باوجود به رياست انهن جي واهر نه ڪئي. جڏهن احتجاج تمام گهڻا وڌيا ۽ عالمي ميڊيا تي خبرون رپورٽ ٿيڻ لڳيون ته پوءِ حڪومت آپريشن جي سرگرمي شروع ڪئي. اهي دهشتگرد، جيڪي ان وقت جبلن تي جڙهي ويا هئا، هاڻي جبلن تي برفباري کانپوءِ اتان لهي انهن دهشتگرد ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون آهن.

هاڻي جڏهن عام جونڊون ٻن مهينن کان به گهٽ مفاصلي تي آهن، ان وقت دهشتگرديءَ جو زور وڏڻ انتهائي ڳڻتيءَ جوڳو آهي. وس وارن کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته دهشتگرديءَ خلاف جنگ صرف هٿيارن سان ڪٽي نٿي سگهجي پر ان جي لاءِ عوامي ساٿ ۽ سهڪار به ضروري هوندو آهي. ان ڪري دهشتگردن خلاف بنا ڪنهن دير جي گهڻ رخو ۽ سخت آپريشن شروع ڪيو وڃي. انهن جون نرسريون ختم ڪيون وڃن، چو ته نرسرين کي ختم ڪرڻ ڪانسواءِ دهشتگرديءَ جو خاتمو ممڪن نه آهي. پاڙيسري ملڪ افغانستان کي به ذميواريءَ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي، چو ته ڪيترن ئي واقعن ۾ پاڪستان خلاف افغان سر زمين جي استعمال جون شاهديون ملي چڪيون آهن. جيڪي راڪاس غلط رياستي پاليسين ذريعي پاليا، مجائي مواڙ ڪيا ويا، اهي هاڻ اسان کي ئي کائي رهيا آهن. ان ڪري رڳو ڪيستائين دهشتگرديءَ جي چيلهه ڇهي ڪرڻ واري خوشخبريءَ تي باغ ۽ بهار ٿيندا رهندا سين؟ ملڪ جي پاليسي سازن کي خبر به آهي ته هي ملڪ عالمي قوتن جي مفادن جي جنگ جو ميدان بڻيل آهي، ان ڪري اسان کي پنهنجي پرڏيهي پاليسيءَ تي پڻ نظرثاني ڪرڻي پوندي ۽ پنهنجي سر زمين ٻين عالمي قوتن جي مفادن جي جنگ جو ميدان بنائڻ کان پرهيز ڪرڻي پوندي. نيشنل ايڪشن پلان تي سختيءَ سان عمل ڪرڻو پوندو.

ڏينداسين. بنيادي حقن کي آئين ۾ تحفظ ڏنو ويو آهي. جسٽس سردار طارق مسعود چيو ته هڪ ته بنيادي حق خبر ناهي ته اسان کي ڪيڏانهن وٺي ويندا. عدالت ٻڌڻي بعد فيصلو محفوظ ڪري ڇڏيو ويو.

بقايا 06 ***

پي ايس او ۾ غير قانوني پرتين واري ريفرنس ۾ شاهد خاقان گرفتاري کان اڳ واري ضمانت حاصل ڪئي هئي. سنڌ هاءِ ڪورٽ گرفتاري کان اڳ ضمانت دوران شاهد خاقان جو نالو اي سي ايل ۾ شامل ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. احتساب عدالت ۾ پيشي جي موقعي تي شاهد خاقان ۽ سنڌ اسمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر آغا سراج دراني وچ ۾ مختصر ملاقات به ٿي. شاهد خاقان چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاهي اچي وئي هاڻي انصاف ڪنهن سان ڪبندو. 9 مئي کان عدالتن جا چڪرڪاٽي رهيو آهيان. اڳوڻي وزيراعظم کي انصاف نه ملي ته عام ماڻهوءَ جو چا ٿيندو.

بقايا 07 ***

تي پليڪار چئن ٿا. شاهد خاقان عباسي آغا سراج دراني جي عيادت ڪئي.

بقايا 08 ***

پارٽ جي قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي حوالي سان فيصلي کي غيرقانوني فيصلو قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏيو آهي. وفاقي ڪابينا پاڪستان جي پهرين "نيشنل اسپيس پاليسي" جي منظوري ڏني. ڪابينا پاڪستان ۾ رهندڙ اهڙن افغانين جن جو پاڪستان ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ انخلا ٿيڻو آهي. جي سهولت لاءِ قاعدن ۽ ضابطن ۾ تبديلي جي منظوري ڏني. اهڙن افغانين جي پاڪستان ۾ قيام جي مدي کي 31 ڊسمبر 2023ع سان وڌائي 29 فيبروري 2024ع ڪيو ويو. ڪابينا اختيارن جي ناجائز استعمال تي مئنيجنگ ڊائريڪٽر نيشنل ٽيلي ڪميونيڪشن ڪارپوريشن جو ڪانٽريڪٽ فوري طور تي رد ڪندي ان جي خلاف ڪارروائي جي منظوري ڏني. وفاقي ڪابينا ليجسليٽو ڪيسز سي سي ايل سي) بابت ڪابينا ڪميٽي جي 6 ڊسمبر 2023ع جي اجلاس ۾ ڪيل فيصلن جي توثيق ڪئي جنهن تحت سائبر ڪرائميز جي تدارڪ پراسيڪيوشن ۽ فيصلاسازي بابت نيشنل سائبر ڪرائم آئوسٽيشن ايجنسي ۽ ٽيلي ڪام ٽربيونل پڻ قائم ڪيو ويندو. ڪالهه اربع ڏينهن صحت واري نگران وفاقي وزير ڊاڪٽر نديم جان ۽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي واري نگران وفاقي وزير ڊاڪٽر عمر سيف سان گڏ وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ ٿيندڙ فيصلن بابت ميڊيا کي آگاهه ڪندي اطلاعات ۽ پارليماني معاملن واري نگران وفاقي وزير جيو ته نگران وزيراعظم جي صدارت ۾ وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ ڪابينا ضلعي ڊيره اسماعيل خان ۾ پوليس اسٽيشن تي دهشتگردن جي حملي جي شديد لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي ۽ ان افسوسناڪ واقعي ۽ ٻين دهشتگردي جي حملن جي شهيدن جي درجن جي بلندي ۽ يونيفارم جي لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي. ان موقعي تي نگران وزيراعظم اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته شهيد پاڪستاني فوم جو فخر آهن. دهشتگردي جي ناسور جي پاڪستان مان مڪمل خاتمي تائين اها جنگ جاري رکندا سين. دهشتگردن جون اهڙيون بزدلاڻيون ڪارروايون ڪنهن به صورت ۾ پاڪستاني قوم جا حوصلا ڪمزور نه ٿيون ڪري سگهن. اطلاعات ۽ پارليماني معاملن واري نگران وفاقي وزير جيو ته وفاقي ڪابينا پارتي سربراه ڪورٽ جي غيرقانوني طور تي پارٽ جي قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي حيثيت جي حوالي سان غيرقانوني فيصلي کي رد ڪري ڇڏيو آهي. جمون ۽ ڪشمير هڪ مجيل عالمي تڪرار آهي جيڪو 7 ڏهاڪن کان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ايجنڊا تي حل طلب آهي. هن جيو ته جمون ۽ ڪشمير جي مستقبل جو فيصلو گڏيل قومن جي قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي امنگن موجب حل ٿيڻو آهي. مرتضيٰ سولنگي چيو ته پارٽي سپريم ڪورٽ جي نام نهاد فيصلي سان ڪشمير مسئلي تي ڪو اثر نه پوي. هن چيو ته وفاقي ڪابينا عالمي برادري تي زور ڏنو آهي ته اها پارٽ جي غيرقانوني طور تي ڪشميرين جي آزادي سلب ڪرڻ جي قدمن جي پرزور مذمت ڪري. وفاقي ڪابينا 5 آگسٽ 2019ع تي پارٽ جي غيرقانوني قدم ۽ پارٽي سپريم ڪورٽ جي هڪطرفي طور تي پارٽي حڪومت کي ان حوالي سان ڪليل چوٽ ڏيڻ پارٽ جي عالمي قانون ۾ ڏسياريون جي ڪليل خلاف ورزي قرار ڏنو آهي. اطلاعات ۽ پارليماني معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته نگران وزيراعظم اجلاس ۾ ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ته اسان سمجهون ٿا ته ان نام نهاد فيصلي سان اسان جي ڪوشش ۾ ڪشمير مسئلي جي منصفاڻي حل جي حوالي سان وڌيڪ تيزي آيندي. مرتضيٰ سولنگي چيو ته مظلوم ڪشميري عوام هڪ غاصب رياست جي خلاف پنهنجا بنيادي حق حاصل ڪرڻ جي لاءِ مزاحمت ڪري رهي آهي ۽ پاڪستان رياست ڪشميرين جي خودمختاري جو حق حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهن جي اخلاقي، سفارتي ۽ سياسي حمايت جاري رکندي. مرتضيٰ سولنگي چيو ته نگران وفاقي ڪابينا پاڪستان جي آفريڪا انڪيج پاليسي جي ڏس ۾ جمهوريه گيمبيا ۽ پاڪستان جي پرڏيهي وزارت جي وچ ۾ گڏيل سياسي خيالن جي ڏي وٺ تي مناهمتي ياداشتن جي منظوري ڏني. وفاقي ڪابينا مئنيجنگ ڊائريڪٽر نيشنل ٽيلي ڪميونيڪشن ڪارپوريشن جو ڪانٽريڪٽ اختيارن جو ناجائز استعمال ڪرڻ تي فوري طور تي رد ڪرڻ ۽ ان جي خلاف ڪارروائي جي منظوري ڏني آهي. نئين مئيجنگ ڊائريڪٽر جي مقرري تائين ميان محمد شفيق، چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر وقتي مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي چارج سنڀاليندو. هن چيو ته وفاقي ڪابينا پاڪستان ۾ رهندڙ اهڙن افغانين جن جو پاڪستان ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ انخلا ٿيڻو آهي ۽ جن وٽ ته داخلا جو ڪو قانوني ثبوت آهي ۽ نه ئي پروسيسنگ فيس. انهن جي سهولت لاءِ قاعدن ۽ ضابطن ۾ تبديلي جي منظوري ڏني آهي. نئين قاعدن ۽ ضابطن موجب اهڙن افغانين جن جي ڪنهن نئين ملڪ ڏانهن روانگي ٿيڻي آهي ۽ جن وٽ ڪو قانوني دستاويز يا پروسيسنگ فيس نه آهي. انهن جي پاڪستان ۾ مقرر مدي کان وڌيڪ قيام جي نتيجي ۾ 800 ڊالرجي ڏنڊ کي گهٽ ڪري 400 ڊالر ڪيو ويو آهي. ان ڪانسواءِ اهڙن افغانين جي پاڪستان ۾ قيام جي مدي جي حد کي 31 ڊسمبر 2023ع کان وڌائي 29 فيبروري 2024ع ڪيو ويو آهي. مقرر تاريخ کانپوءِ هر مهينو 100 ڊالرجي حساب سان ڏنڊ لاڳو ٿيندو جنهن جي وڌ کان وڌ حد 800 ڊالر مقرر ڪئي وئي آهي. انهن قدمن جو مقصد غيرقانوني طور تي پاڪستان ۾ رهندڙ افغانين کي قانوني دستاويز حاصل ڪرڻ يا ڪنهن نئين ملڪ ۾ جلد کان جلد انخلا جي معاهدن کي پڄاڻي تائين پهچائڻ جي طرف راغب ڪرڻ آهي. هن چيو ته وفاقي ڪابينا پاڪستان جي پهرين "نيشنل اسپيس پاليسي" جي پڻ منظوري ڏني. پاليسي تحت پاڪستان ۾ ايلاءَ ۽ رابطن جي لاءِ عالمي ڪمپنين کي "Low Orbit Satellite Communication" جي ذريعي صارفين کي خدمتون فراهم ڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي. ان پاليسي تحت ته رڳو پاڪستان ۾ ٻاهرئين سيڙپڪاري ٿيندي پر پاڪستان سان انهن خدمتن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ معارضي جي مد ۾ ٻاهر ويندڙ قيمتي پرڏيهي ناڻو بچائي سگهبن. پاليسي تحت نه رڳو پاڪستان ۾ عالمي سطح تي لاڳو جديد گهرجن سان هم آهنگ "اسپيس ريگيوليٽري رجيم" جو قيام عمل ۾ آندو پيو وڃي پر اسپارڪو ۽ تحقيق ۽ ترقي جي لاءِ فنڊز جو انتظام پڻ رکيو ويو آهي. هن چيو ته نگران وزيراعظم انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪام واري وزارت، اسپارڪو، دفاع واري وزارت ۽ لاڳاپيل ادارن جي پاڪستان جي پهرين اسپيس پاليسي جوڙڻ جي ڪوشش کي ساراهيو آهي. وفاقي ڪابينا سامونڊي معاملن واري وزارت جي سفارش تي ڪورنگي فشريز هاربر اٿارٽي جي مئيجنگ ڊائريڪٽر جون خدمتون فوري طور تي پنهنجي اداري جي واپس ڪرڻ جي منظوري ڏني ۽ اداري ۾ سامهون ايندڙ بدانتظامي جي ڄاڻ جي پڻ منظوري ڏني. نئين مئيجنگ ڊائريڪٽر جي مقرري تائين ريئر ايڊمرل شاهد احمد، ڊي جي آپريشنز پورٽ قاسم اٿارٽي کي ان جي اضافي چارج ڏيڻ جي پڻ منظوري ڏني وئي. هن چيو ته وفاقي ڪابينا صحت واري وزارت جي سفارش تي ڊاڪٽر ڊينٽل ڪاليج ڪراچي، نارووال ميڊيڪل ڪاليج نارووال، لياقت انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز لٺو ۽ خيرپور ميڊيڪل ڪاليج خيرپور سيرس جي شرعاتي منظوري جي لاءِ پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪاليج کي موڪلڻ جي فيصلي جي توثيق ڪئي. ان ڪانسواءِ وفاقي ڪابينا اقتصادي رابطا ڪميٽي (اي سي سي) جي 23 نومبر 2023ع جي اجلاس ۾ ڪيل فيصلن جي توثيق ڪئي جڏهن ته ڪابينا دوائن جي قيمتن ۾ اضافي جي حوالي سان فيصلو ملتوي ڪري ڇڏيو. ڪابينا هدايت ڪئي ته دوائن جي قيمتن جي تعين ۽ ريگيوليشنز بابت پوري نظام جو جائزو وٺو ته جيئن مستقبل جي لاءِ ان مسئلي جو هڪ ٺوس حل ڳولي سگهجي. ڪابينا اجلاس ۾ ڳالهه ٻولهه ڪندي نگران وزيراعظم چيو ته اسان چاهيون ٿا ته فارما انڊسٽري ترقي ڪري جڏهن ته قيمتن ۽ دوائن جي معيار جي حوالي سان عوام جو مفاد مٿانهون هوندو. هن چيو ته وفاقي ڪابينا هدايت ڪئي ته ايندڙ اجلاس ۾ موجوده ڊرگ پاليسي ۾ ترميم جي لاءِ صحت واري وزارت ڪابينا کي بريفنگ ڏي جنهن ۾ دريب جي ريگيوليٽري ۽ انتظامي معاملن جو تفصيلي جائزو شامل هجي.

بقايا 09 ***

احمد. ظفر اقبال ۽ ٻين اڳوڻن آفيسرن کي به طلب ڪري ورتو. وڪيل چيو ته شعيب سڀل آمريڪا ملڪ کان ٻاهر آهي ڪيس پيش ڪرڻ لاءِ مهلت ڏني وڃي. ڪيس ۾ نامزد ڪراچي پوليس جو اڳوڻو سربراهه شاهد حيات، شبير احمد قائمخاني ۽ ڪجهه ٻيا جوابدار فوت ٿي چڪا آهن. عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي فوت ٿي ويل جوابدارن جي تصديق ڪندڙ رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏني ڇڏيو. مير مرتضيٰ پٽو جي ملازم نور محمد گوگا 2010ع ۾ جوابدارن جي ٻرٻرت خلاف اپيل داخل ڪرائي هئي. ڊسمبر 2010ع ۾ ماتحت عدالت مرتضيٰ پٽو قتل ڪيس مان 20 پوليس آفيسرن کي بري ڪيو هو. اپيل تي ٻڌڻي 23 جنوري تائين ملتوي ڪئي وئي آهي.

بقايا 10 ***

(O) ۾ ترميم ڪرڻ آهي. ڪمپنين کي بجلي چوري جي واقعن تي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ ۾ ڏکيائي هئي. نئين آرڊيننس تحت بجلي چوري جي واقعا گرفتاري جوڳو ڏوهه هوندا. آرڊيننس ڪانپوءِ بجلي چوري تي رڳو 17 هين گريڊ جي آفيسر يا مٿي جي آفيسر پر بحالي ورهائيندڙ ڪمپنين جي سي اي اوز جي نامزد ڪيل ماڻهن جي شڪايت تي به گرفتاري جوڳو ڏوهه هوندي. صدر آرڊيننس آئين جي آرٽيڪل 89 هڪ تحت جاري ڪيو. آرڊيننس سان توانائي جي شعبي ۾ ڏيندڙ تقريبن 590 اربن روپن جي بجلي چوري تي ضابطي ۾ مدد ملندي.

بقايا 11 ***

ڪرڻ جي لاءِ نادرا کي خط لکي چڏيو آهي. رپورٽ موجب لاهور پوليس ان حوالي سان چيئرمين نادرا کي خط لکي چڏيو آهي جنهن ۾ جيو رپو آهي ته 18 اشتهاري جوابدار ته ڀاڄ ۾ شامل ٿيا نه ئي دهشتگردي جي اٿت واري ڪيس ۾ پيش ٿيا انهن ۾ مراد سعيد، اعظم سواتي، حماد اظهر، اسلم اقبال، ڪرامت ڪوڪر، علي امين گنڊاپور، واثق قيوم عباسي، مسرت جمشيد چيمه، جمشيد چيمه، زبير نيازي، ملڪ نديم عباس، غلام محي الدين ديوان شامل آهن. پوليس موجب اهي سمورا جوابدار اي ٽي سي ۾ پيش ٿيڻ ڪري سواءِ قانوني حق حاصل نٿا ڪري سگهن. ڀاڄ ۾ شامل ٿيڻ تائين جوابدارن جا قومي سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ ڪيا ويندا. اشتهاري جوابدارن جا نالا نو فلائي لسٽ ۾ شامل ڪيا ويا آهن ياد رهي ته 9 مئي جي واقعن ۾ ملوث 18 اشتهارين جا سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ ٿيڻ جي صورت ۾ جوابدار نه ته ملڪيت خريد ۽ وڪرو ڪري سگهندا نه ئي هوائي سفر ڪري سگهندا.

بقايا 12 ***

ڪئي آهي. پنهنجي هڪ بيان ۾ انتوني بلنڪن چيو ته آمريڪا خيبرپختونخواهه ۾ سيڪيورٽي چيڪ پوسٽ تي دهشتگرد حملي جي سخت مذمت ڪري ٿو. انتوني بلنڪن چيو آهي ته هو پاڪستان جي عوام سان گڏ بيٺا آهن ته جيئن ڏوهارين کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته هو متاثرن جي خاندانن سان تعزيت جو اظهار ڪري ٿو.

بقايا 13 ***

روم ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس منعقد ڪئي. ان موقعي تي سڌ سماءُ واري وزير پنهنجي شروعاتي تقرير ۾ چيو ته نگران وڏي وزير جي هدايتن تي سنڌ جا نگران وزير پنهنجن ڪانن جي ڪارڪردگيءَ ميڊيا جي ذريعي عوام تائين پهچائي آگاهي فراهم ڪن. ان موقعي تي نگران گهرو وزير برگيڊيئر رٽائرڊ حارث نواز چيو ته ان جي پهرين توجه ڪراچي مان اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي ۽ شهر ۽ تعليمي ادارن ۾ منشيات جي روڪٿام تي آهي. صوبي جي داخلي ۽ خارجي رستن تي اسمگلنگ روڪڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. غير قانوني پرڏيهين جي حوالي سان هن چيو ته غير قانوني پرڏيهين وٽ قانوني ڪاغذ آهن انهن کي ڪا به تڪليف نه ٿيندي. هن چيو ته سنڌ مان هن وقت تائين 41 هزار غيرقانوني پرڏيهي پنهنجي ملڪ ويا آهن. اسان جي ڪوشش آهي ته جيڪي به وڃي رهيا آهن انهن کي پوري عزت ۽ احترام سان موڪليو وڃي ته جيئن اهي سنيون يادگيريون ڪٺي هتان وڃن. هن چيو ته سنڌ ۾ هن وقت 47 هزار افغان نيشنل ڪارڊ هولڊر آهن. هن چيو ته غيرقانوني پرڏيهين کي ٻاهر ڪيو ويا آهن. اهڙا ماڻهو به اسان جي ملڪ ۾ دهشتگردي ۾ ملوث ملڻا آهن. اهڙن ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته فوجي عدالت ۾ انصاف جون سيٽي گهرجون پوريون ڪيون ويندڙيون آهن. جوابدار کي پنهنجو وڪيل رکڻ جي اجازت هوندي آهي. فيصلي کانپوءِ ڪيس هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ ۾ اپيل ڪرڻ جو حق حاصل هوندو آهي. هن چيو ته اج اسان کي فيصلو ڪرڻو آهي ته اسان کي پنهنجي ملڪ مان دهشتگردي ۽ ڏوهن کي ختم ڪرڻو آهي. هن چيو ته جان محمد مهر جي قاتلن کي هر صورت ۾ گرفتار ڪيندا ۽ انهن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو. هڪ سوال جي جواب ۾ رٽائرڊ برگيڊيئر حارث نواز چيو ته پاڪستان گنريل ڪيترن سالن ۾ 30 کان 40 لک افغانين جي ڪيترائي سال مهمان نوازي ڪئي آهي هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن چيو ته سڀ کان پهريان پاڪستان آهي اسان جا شهري ۽ فوجي جوان شهادتون مائيون آهن پر هاڻي گهڻو ٿي ويو هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته رينجرز جي ضرورتن مطابق مالياتي مدد فراهم ڪرڻ جي ڪوشش آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته پوليس بابت شڪايتن تي به ڪارروائي ڪئي ويندي آهي. هن چيو ته پوليس ۾ تمام سنا آفيسر آهن ۽ بهترين پوليس جي شاندار خدمتون به رڪارڊ تي آهن. سيف سٽي بابت هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ان حوالي سان سنڌ جي وڏي وزير جون واضح هدايتون آهن ۽ ان منصوبي تي ڪم جاري آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته غير قانوني نادرا ڪارڊ بلاڪ ڪيا آهن ۽ ملوث اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته مجرڪاڻي واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري جاچ ڪئي پئي رهي. ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ کڻڻ جي اجازت ناهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ادارا ڪنهن به ٿريٽ جي حوالي سان الرٽ آهن. جيلن ۽ قيدين جي سهولتن تي ڪم جاري آهي. هڪ قيدي جي پينٽنگ 10 لکن ۾ وڪامجي وئي. جنهن سان هن پنهنجي ماءُ کي عمري جي سعادت حاصل ڪئي. هن قيدي جي حوصلا افزائي لاءِ ڪيس پيرول تي آرٽس ڪائونسل ۾ پنهنجي ماءُ سان ملرايو به ويو. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته بيروزگاري به ڏوهن جي شرح ۾ واڌ جو هڪ سبب آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ڊالر جي اسمگلنگ کي روڪڻ لاءِ به تمام سخت قدم کنيا ويا آهن. پريس ڪانفرنس جي آخر ۾ اطلاعات واري صوبائي وزير احمد شاهه چيو ته سنڌ حڪومت 8 فيبروري تي ٽيندڙ چونڊن لاءِ سمورا انتظام مڪمل ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

بقايا 14 ***

سان گڏاهائيندي جاويد لطيف چيو ته انصاف ڏيڻ وارا ناانصافي ڪندا ته ملڪ ڪيئن ترقي ڪندو هن چيو ته 8 فيبروري تي ٽيندڙ چونڊن ۾ 25 ڪروڙ عوام پنهنجي عدالت ۾ ٻيهاري نواز شريف جي حق ۾ فيصلو ڏيندو. جاويد لطيف جو وڏيڪ چوڻ آهي ته هڪ نوجوان سياسي اڳواڻ به 16 مهينن جي قومي حڪومت جو حصو هو جنهن کي خبر هئي ته نواز شريف کي چو ڪڍيو ويو هن جو هاءِ به چوڻ آهي ته نوجوان سياسي ليڊر کي خبر هئڻ گهرجي ته ذوالفقار علي ڀٽو ووٽ کي عزت ڏيڻ لاءِ ويو ۽ ڪيس قاسي ڏني وئي.

بقايا 15 ***

لاڙڪ بئنڪ ناهڻ لاءِ ڪميٽي ڏانهن اماني ڇڏيو جسٽس سردار طارق مسعود رمارڪس ۾ چيو ته سياسي ڪوجاسوس پاڪستان ۾ گهڻي هڪ سال تائين ويهي رهي ۽ ڀڪوڙي پوڻ تي چوي ته منهنجا بنيادي آئيني حق متاثر پيا ٿين. مون کي گرفتار نه ڪيو ته پوءِ توهان چا چوندا؟ جسٽس سردار مسعود احمد جي سربراهي ۾ ٿي رڪني بئنڪ غيرقانوني پرڏيهين جي نيڪالي خلاف ٻ آڱوٺا فرحت الله بابر، جماعت اسلامي جي اڳواڻ مشتاق احمد ۽ ٻين جي درخواستن تي ٻڌڻي هلائي عدالت چيو ته درخواست گذارن آرٽيڪل 224 تحت نگران حڪومت جي اختيارن تي سوال اٿاريو آهي. پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ تحت آئين جي تشريح لاءِ معاملا لاڙڪ بئنڪ ۾ وڃڻ گهرجن. ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي سياري جي موڪلن بعد ٿيندي

بقايا 16 ***

پنجاب ۾ ڊينگي جي مريضن کي تازي صورتحال بابت رپورٽ جاري ڪري چڏي آهي. هلندڙ سال پنجاب جي 36 ضلعن ۾ ڊينگي جا 14 هزار 931 تصديق ٿيل ڪيس سامهون آيا آهن. گذريل ڏينهن لاهور ۽ 27، ملتان ۽ 5 ۽ فيصل آباد ۾ 4 ڊينگي جا مريض سامهون آيا هئا. اهڙي طرح راولپنڊي، ساهيوال، شيخوپوره ۽ منڊي بهاءُ الدين ۾ ڊينگي جو هڪ هڪ ڪيس سامهون آيو آهي.

بقايا 17 ***

۾ خوف پکڙجي ويو. ماڻهو گهرن ۽ دڪانن مان ٻاهر نڪري آيا. زلزلي مرڪز موجب زلزلي جي شدت ريڪٽر اسڪيل تي 4.9 هئي.

بقايا 18 ***

شفافيت کي خاڪ ۾ ملائڻ جو اهم قدم آهي. ترجمان موجب پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه جي انتظامي مشينري ٻي ٿي آءِ ڪي ڇيائڻ ۾ ڪردار ادا ڪري رهي آهي الڪيشن ڪميشن انتظامي آفيسرن جي مقرري جو سمورو عمل رول بيڪ ڪري. ياد رهي ته 8 فيبروري جي عام چونڊن جي سلسلي ۾ الڪيشن ڪميشن چونڊن جي لاءِ ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسرن(ڊي آر اوز)، ريٽرننگ آفيسرن(آر اوز) ۽ اسسٽنٽ ريٽرننگ آفيسرن(اي آر اوز) جي مقرري جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. الڪيشن ڪميشن جي ترجمان موجب خيبرپختونخواهه جي 36 ضلعن جا لاڳاپيل ڊپٽي ڪمشنر، ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر مقرر ٿيندا. پنجاب جي 41 ضلعن مان 40 جا لاڳاپيل ڊپٽي ڪمشنر ڊي آر اوز هوندا جڏهن ته ڊائريڪٽر جنرل ڊي جي خان ڊوالپسينٽ اٿارٽي محمد خالد منظور کي ڊي آر او تونسه مقرر ڪيو ويو آهي. الڪيشن ڪميشن جي ترجمان موجب سنڌ جي 30 ضلعن جا لاڳاپيل ڊپٽي ڪمشنر ڊي آر اوز هوندا. ٻين صوبن جيان بلوچستان جي 36 ضلعن جي لاڳاپيل ڊپٽي ڪمشنر کي ڊي آر اوز مقرر ڪيو ويو آهي. اسلام آباد جي ڊپٽي ڪمشنر عرفان نواز کي ڊي آر او اسلام آباد مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا 19 ***

تي ٿيندڙن. آمريڪي ميڊيا کي انٽرويو ڏيندي فواد حسن فواد چيو ته چونڊون ملتوي ٿيڻ جون خبرون صحيح نه آهن. فواد حسن فواد چيو ته عوام انواهن تي ڌيان نه ڏئي چونڊون 8 فيبروري تي ٿيندون. فواد حسن فواد چيو ته آئين ۽ قانون کي ڏسندي چونڊن ۾ ديرجي گنجائش نه آهي. مولانا فضل الرحمان پنهنجي خدشن تي سپريم ڪورٽ يا الڪيشن ڪميشن وڃي سگهي ٿو. هن چيو ته لاڙڪي ۽ ليول پليئنگ فيلڊ جا بيان سياسي بيان آهن. نگران حڪومت غيرجانبداري سان سمورا معاملا انجام ڏئي رهي آهي. سياسي پارٽيون الزامن جي بجاءِ چونڊ منشور تي ڌيان ڏين. هن وڌيڪ چيو ته نواز شريف جي لاڙلي هجڻ جو بيان سياسي بيان آهي. نواز شريف سان سرڪاري حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ سان وابستگي رهي آهي انهي جي سياسي ايجنڊا سان اتفاق نٿو ڪريان. نگران وزير پنهنجي انٽرويو ۾ وڌيڪ چيو ته افغان شهرين جي واپسي تي نظر ثاني نه پئي ڪئي وڃي. پوري ڪوشش آهي ته ٻي ٽي آءِ جي نڪراري ڪئي وڃي.

بقايا 20 ***

جي ڊيسڪن تائين پهچي ويا. جنهن جي ڪري پوليس آفيسرن ۾ ڀاڄ ٻڌجي وئي ۽ ميمبرز لڪن تي مجبور ٿي ويا. پارٽي ميڊيا موجب لوڪ س

بقايا سنڌيار 01

سندن پريور آجيان ڪئي وئي ان موقعي تي سينيئر ڊسپينسر محترم علي حسن ملڪ ،سينيئر ڊسپينسر عبدالمجيد ملڪ، مڊوائيف نورجهان چنا ڪي هيلٿ پروفيشنل پئرامڊيڪس ايسوسيئيشن ۾ شموليت جو اعلان ڪندي چيو ته هيءَ واحد تنظيم آهي جيڪا پيرامڊيڪل اسٽاف جي حقن لاءِ مسلسل جدوجهد ڪندي رهي آهي جڏهن ته ٻيون تنظيمون نالي ماتر قائم ڪري پنهنجي ئي گهر کي نقصان پهچائي رهيون آهن ان ڪري اڄ ٻين تنظيمن کي چڏي هيلٿ پروفيشنل جي قيادت تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي شموليت جو اعلان ڪريون ٿا. ان موقعي تي علي حسن ملڪ پاران آيل مهمانن کي سنڌ جي سوڪڙي اجرڪ ۽ گلن جا هار پارايا ويا ۽ ريفريشمينٽ جو اهتمام ڪيو ويو.تقريب ۾ هيلٿ پروفيشنل پيرامڊيڪس جا سائي راڻا ممتاز راجپوت ۽ محمد الياس ڪابورو پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 02

ناظر ٿي توبهه ڪئي آهي اڳتي جي لاءِ مان اهيو ڏنڌو نه ڪندس جڏهن ته ڊي ايس پي پريا حبيب الرحمان لاشاري ٻڌايو ته ايس پي نوشهروفيروز جن جي به اهيا هدايت آهي ته اگر ڪير به ڏوهن ۽ منشيات کي الوداع ڪري ٿو ته ان کي موقعو فراهم ڪيوويجي.

بقايا سنڌيار 03

ميمبر ۽ ضلع نوشهروفيروز جي سينئر نائب صدر رئيس پلي رکيو خان لاکو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته عمران حڪومت ملڪ کي تباهي جي ڪناري تي پهچايو آهي سنڌ اندر پيپلز پارٽي خلاف ڪيترا به اتحاد ٺهن ڪو به فرق نٿو پوي پيپلز پارٽي سنڌ ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ۽ بي روزگارن کي نوڪريون ڏنيون آهن ايندڙ وزير اعظم بلاول ڀٽو ذرداري هوندو هن چيو ته اسان شهيد ڀٽو جا پوئلڳ آهيون ڪو چيئرمين آصف علي ذرداري ملڪ تي ڏئي وقت ۾ به پاڪستان کپي جو نعرو هنيو پيپلز پارٽي شهيدن جي پارٽي آهي سنڌ ۾ پيپلز پارٽي جو ڪو مقابلو نٿو ڪري سگهي سنڌ جا ماڻهو اسان سان محبت ڪن ٿا هڪ سوال جي جواب ۾ رئيس پلي رکيو لاکو چيو ته اميدوارن جو فيصلو پارٽي جي قيادت ڪندي جنهن کي به پارٽي ٽڪيٽ ڏيندي ان جي پريور مدد ڪنداسين انشاءالله سنڌ ۽ پاڪستان جو عوام اسان کي ڪامياب ڪندو ۽ بلاول ڀٽو ذرداري ملڪ جو وزيراعظم ٿيندو.

بقايا سنڌيار 04

واسي 80 سالن جي ٻڍڙي عورت مسمات ڏياڻي زال غلام نبي ملاڻو زمين تي مبينا قبضي ۽ مڙس پاران گهر مان نيڪالي ڏيڻ ملڪيت مان حصو نه ڏيڻ خلاف پنهنجي پٽن ۽ پائٽين سان گڏجي ميڊيا آڏو احتجاج ڪيو هن دانهيندي چيو ته سندس مڙس غلام نبي ملاڻو ڪجه سال اڳ ٻي شادي ڪرڻ بعد بااثر مختيار ملاڻو، اختيار، نثار ۽ عبدالغني ملاڻو سان گڏجي اسان کي گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ سندس چوپايو مال ۽ زيور وڪرو ڪري ورتل چاليه ايڪڙ زمين مان به حصو نه پيا ڏين ۽ هن دانهيندي چيو ته سندس مڙس پاران ٻي شادي ڪرڻ ڪانپوءِ هن پنهنجي اولاد جي پالنا محنت مزدوري ۽ پورهيو ڪندي ڪئي، سندس مڙس غلام نبي اولاد جي پالنا ۾ سندس ڪابه مدد نه ڪئي ۽ نه ئي ڪو خرچو پاڻي ڏنو، هن روئندي دانهيو ته هن پنهنجي ننڍي اولاد جي ڏکين حالاتن ۾ پالي جوان ڪيو آهي پر ان باوجود سندس مڙس ڪيس سندس حصو ۽ سندس اولاد جو ملڪيتي حصو ڏيڻ لاءِ تيار ناهي هن ٻڌايو ته برادريءَ جي ماڻهن وٽ دانهيو آهي، علاقي جي معززين وٽ ويا آهيون پر هو حصو ڏيڻ لاءِ تيار ئي نه آهن ان حد تائين جو ڪنهن اميروٽ فيصلو به نه پيا ڪن، غريب هجڻ ڪري پوليس به مدد نٿي ڪري هنن مختيارڪار پنوعاقل ۽ ايس ايس پي سڪر کان مطالبو ڪيو ته زمين مان شريعت ۽ قانون مطابق سندن حقي حصو ڪين ڏياريو وڃي ڏياريو وڃي.

بقايا سنڌيار 05

ڪان پنجاه پرسنٽ ڪميشن هجڻ سبب روڊن ۾ معياري ڪم نه ٿيڻ جو انڪشاف. روڊس ڪاتي جي انجنيئر عبدالمجيد چاچڙ، ايس ڊي او اصغر رُڪ ۽ ٽينڊر ڪلارڪ عبدالمالڪ مهر جي نااهلي سبب ضلعي جي روڊن جو ستياناس ٿي ويو. ٿيڪا ڪميشن عيوض ڏيڻ سبب سڄي ضلعي جي روڊن جي حالت خراب ٿي وئي روڊ هر هنڌ کان ٽٽي تباهه ٿي ويا، گهوٽڪي، خانپور مهر، ميرپور ماٿيلو، ڏهرڪي ۽ اوباوڙو جي شهرن جا اڪثر روڊ اُکڙي تباهه ٿي ويا آهن ۽ نئين ٺهندڙ روڊن ۾ غير معياري مٽيريل استعمال ڪرڻ سبب نوان روڊ به ٽٽي ۽ اُکڙي ويا آهن. گهوٽڪي جي سياسي سماجي اڳواڻن پاران نيب، اينٽي ڪرپشن ۽ ايف آئي اي کان نوٽس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 06

پٽي ڪئي وئي جڏهن ت واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

بقايا سنڌيار 07

دورو ڪيو، هن گورنمينٽ پرائمري اسڪول تاج محمد عباسي ٽنڊو ۾ اسڪول جي ٻارن جي مڊ ٽرم امتحانن جو جائزو پڻ ورتو ۽ اسڪول جي ٻارن کان سوال پڇيا. ان موقعي تي اسڪول جو هيڊ ماسٽر تاج عباسي پڻ موجود هو، تي اي او پرائمر اسڪول جي ٻارن ۽ هيڊ ماسٽر تاج عباسي جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ اسڪول جي اسٽاف ۽ اسڪول جي ٻارن کي سان ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته تعليم ئي واحد زيور آهي تعليم پرائي انسان گهٽو ڪجه حاصل ڪري ٿو. تعليم حاصل ڪرڻ سان ڪامياب جهالت کي پڻ ختم ڪري سگهجي ٿو.

بقايا سنڌيار 08

قمون اوڏ، سڪندر اوڏ، شترو، رميش، پاڳو اوڏ نشي جي حالت ۾ اسان جي گهرن ۾ داخل ٿي عورتن مردن ۽ ٻارڙن کي تشدد جو نشانو بنائڻ بعد هٿيارن جي زور تي گهر ۾ بيئل موٽر سائيڪل ۽ ڪاغذ به زبردستي کڻي ڏمڪيون ڏيندا فرار ٿي ويا جنهن بعد اسان چوهارا مارڪيٽ پوليس چوڪي تي جوابدارن خلاف رپورٽ داخل ڪرائڻ لاءِ وياسين پر پوليس اسان جي فرياد نه لکي ڪيترائي ڪلاڪ سردي ۾ چوڪي ٻاهران ويهي احتجاج ڪيو پر پوءِ به چوڪي پوليس اسان کي موتائي چڏيو آهي جوابدار اڃ به اسان جي موٽر سائيڪل ڪاهي ويا هئا جيڪا ايان تائين ناهي واپس ڪئي. مظاهرين ڊي آءِ جي سڪر، ايس ايس پي سڪر سميت لاڳاپيل اختيارن کان گهر ڪئي آهي ته جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪرائي موٽر سائيڪليون واپس ڏياري انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 09

آواز فائونڊيشن، فورم ايشيا ۽ سنڌ سرڪار جي هيومن رائٽس ڪميشن جي سهڪار سان سنڌ وومين ايگريڪلچر رائيٽس ايڪٽ 2019 جا قاعدا قانون ۽ ضابطا ناهڻ لاءِ صلاحڪاري گڏجاڻي سنڌ هيومن رائٽس ڪميشن جي چيئرپرسن اقبال ڏيڏو جي صدارت هيٺ ٿي. گڏجاڻي ۾ سنڌ هيومن رائٽس ڪميشن جي چيئرپرسن اقبال ڏيڏو چيو ته سنڌ پاڪستان جو واحد صوبو آهي، جتي 2019ع ۾ هاري مزدور عورتن جا حق، وومينز ايگريڪلچر رائيٽس ايڪٽ پاس ڪيو ويو، سڄي دنيا جي سماجي ۽ انساني حقن جي تنظيمن ان جي واکاڻ ڪئي وئي، پر بدقسمتيءَ سان اڄ تائين ان قانون تي عمل شروع نه ٿي سگهيو آهي. سنڌ فارم ليبر رائيٽس ايڪٽ 2019 جا قاعدا قانون نه هجڻ سبب قانون تي عمل درآمد ۾ رڪاوٽون آهن. هن قانون ۾ عورتن کي به موقعو ڏنو ويو آهي ته هو پنهنجون تنظيمون ناهي سگهن ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان فائدو وٺي سگهن، پر اهو ان وقت تائين ممڪن ناهي، جيستائين هن قانون جا قاعدا قانون نه ناهيا وڃن. پروگرام ايڊوائيزر فيڊرڪ ايبرٽ اسٽفٽنگ جي عبدالله دايو، سڪر ميونسپل ڪارپوريشن جي ميمبرعذرا جمال، ڊسٽرڪٽ بار جي صدر الاهي بخش ميتلو، يو اين ايچ سي آر جي احسان پنهور ۽ ساحل جي ريجنل هيڊ برڪت انصاري، زبير مهر، اقرا، سمرين لاکو، حيدر علي جو چوڻ هو ته پاڪستان ۾ 65 سيڪڙو عورتون زراعت سان وابسته آهن. پاڪستان جي ڳوٺن ۾ رهندڙ 90 سيڪڙو عورتون زرعي مزدورن جي طور تي ڪم ڪري پنهنجو گذر بسر ڪن ٿيون. ملڪ اندر گهٽ ۾ گهٽ اجرت وارو قانون فارم مزدورن تي لاڳو نٿو ٿئي، ان ڪري عورت فارم مزدورن کي، 10 کان 12 ڪلاڪ ڪم ڪرڻو پوندو آهي، جڏهن ته انهن کي 250 کان 300 روپيا في ڏينهن ڏنا ويندا آهن. ڪين اڪثر مزدوري کان روڪيو وڃي ٿو، وقت تي اجرت نه ڏني وڃي ۽ ڪين ذهني اذيت ۽ استحصال جو شڪار ٿيڻو پوي ٿو، حامله عورتون آخري هفتي تائين ڪم ڪرڻ تي مجبور آهن ۽ مائرون پنهنجن ٻارن کي ڪٽائي زمينن ڏانهن وڃڻ تي مجبور آهن، جڏهن ته هاري مزدورن کي ڪنهن به قسم جي پگهار نه ڏني وڃي ٿي، ناري فائونڊيشن جي چيئرپرسن افشان اصغر ۽ ايگزيڪٽو ڊائريڪٽر انور علي مهر چيو ته ناري فائونڊيشن ۽ آواز فائونڊيشن پاڪستان گڏيل طور تي وومين فارم ورڪرز رائيٽس موومينٽ شروع ڪئي آهي جنهن جو مقصد عورت فارم مزدورن کي قانون موجب مردن جي برابر ڪم ڪرڻ جو حق ڏيارڻ ۽ عورتن مزدورن لاءِ سوشل سيڪيورٽي ۽ ٻين حڪومتي پروگرامن ۾ سهڪار ڪرڻ آهي. پروجيڪٽ تحت عورتن جي فارم ورڪرز جون تنظيمون ٺاهيون ويونديون ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن کي متوجه ڪيو ويندو ته ٺاهيل قانون تي عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي. صلاحڪاري گڏجاڻيءَ ۾ زراعت ، سماجي پلاٽي، وومين ڊولپمينٽ ڪاٽن، پورهيت يونين، وومين ايگريڪلچر ورڪرس جي عيوضين ۽ سول سوسائٽي جي تنظيمن شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 10

ته هو فرار ٿي ويو ۽ مون تي بليڪ ميل ڪرڻ جا الزام هٽي مون تي تشدد ڪيو جنهن بعد مان پنهنجي پيڪن ۾ رهڻ لاءِ آيس ته گذريل ڏينهن هو منهنجي والدين جي گهر ۾ داخل ٿي مون کي ڪوڙي ڪارهن الزام هيٺ قتل ۽ سنگين نتيجا پوڳڻ جون ڏمڪيون ڏنيون آهن جنهن سبب زندگي کي مڙس کان خطرو آهي ممان مڙس سان رهڻ نه ٿي چاهيان متاثر عورت اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي منهنجي مڙس خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ سميت گهر خالي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 11

جو دورو ڪري رهيا آهن. ڪالهه پ پ سنڌ اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبر سيد فرخ احمد شاهه، نوجوان سياستدان سيد زيرڪ خورشيد احمد شاهه ۽ ميئر سڪر ارسلان اسلام شيخ يوسي 5 جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو. ان موقعي تي سائٽس گڏ يوسي چيئرمين مير عبدالرحمان مينگل، وائيس چيئرمين ڪائونسلر ۽ مقامي معززين پڻ موجود هئا. دوري دوران يوسي چيئرمين مير عبدالرحمان مينگل ڪيس يوسي جي مسئلن کان آگاهه ڪيو. جنهن تي اڳوڻو ايم پي اي سيد فرخ احمد شاهه، نوجوان سياستدان سيد زيرڪ خورشيد شاهه ۽ ميئر سڪر ارسلان اسلام شيخ يوسي چيئرمين مير عبدالرحمان مينگل کي يوسي 5 جا سمورا مسئلاهڪ مهيني اندر حل ڪرڻ جو يقين ڏياريو دوري دوران هن علائقي جي رهواسين سان پڻ ڳالهايو ۽ مسئلا معلوم ڪيا.جنهن دوران پ پ اڳواڻن ۽ چونديل نمائندن مقامي رهواسين سان ڳالهيون ڪيون. شهر جي تعمير ۽ ترقي سميت شهر جي سمورن سهولتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي ڪم ڪيو پيو وڃي، ترقياتي ڪم مڪمل ٿيڻ بعد شهرين کي درپيش مشڪلاتن مان نجات ملندي.

بقايا سنڌيار 12

برتري سان راند کٽي ورتي اهڙي ريت آءِ بي اي ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو جي وڄ ۾ دلچسپ مقابلو ٿي گذريو جيڪو ٽن گولن جي برتريءَ سان بينظير ميڊيڪل يونيورسٽي کٽي ورتو ، جڏهن ته آءِ بي اي يونيورسٽي جي ٽيم ڪو به گول ڪرڻ ۾ ناڪام رهي . اهڙي ريت ٽنڊو جام يونيورسٽيءَ ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي فائينل لاءِ مقابلو ٿيو جيڪو شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽيءَ جي ٽيم ٽي ، به جي مقابلي سان کٽي چيمپين شپ جي فاتح بڻجي وئي جڏهن ته ٽنڊو جام زرعي يونيورسٽيءَ جي ٽيم رنر اپ قرار ڏني وئي انموقي تي شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽيءَ جي ڊاريڪٽر اسپورٽس ڊاڪٽر فهد جبران سيال ، سيني ٽيمن ، بلخصوص هائير ايجوڪيشن ڪميشن آف پاڪستان ۽ وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر نصرت شاه جا ٿورا مڃيا ، اهڙو بيان يونيورسٽيءَ جي پريس ترجمان عبدالصمد ڀٽيءَ طرفان جاري ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 13

حاڪم علي جسڪاڻي،وائس چيئرمين عبدالحق بلوچ يوسي سچل ٿي جو چيئرمين تاج محمد وساڻ، ڪوآرڊينيٽر صفورا ٽائون بادشا چانڊيو، يوسي چار جو چئيرمين بشير خاصخيلي، محبوب عباسي ،عبدالحفيظ مارفاڻي صابر ٽنيو، محمد ايوب جسڪاڻي سرور ڀٽو،حميد جويو ۽ ٻين جي شرڪت ان کان علاوه علائقي جي اسڪول جي شاگردن ۽ توڙي رانديگرن جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن سنڌ حڪومت جي اهڙي سهولت جي واکاڻ ڪئي ان موقعي تي ٽائون چيئرمين صفورا راشد خاصخيلي ۽ يوسي سچل چيئرمين تاج محمد وساڻ چيو ته سنڌ حڪومت جا شڪار گذار آهيون جن سچل ڳوٺ ۽ آس پاس جي رهواسين لاءِ زبردست اسپورٽس گرائونڊ جي اسڪيم ڏني جيڪا اڄ مڪمل ٿي آهي سچل يو سي سميت صفورا ٽائون جي مختلف ڳوٺن ۽ علائقن ۾ ڪافي بنيادي مسئلا آهن جن جو مڪمل ادراڪ آهي جن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪنداسين هي گرائونڊ شروعات آهي هر يو سي کي ههڙا اسپورٽس گرائونڊ ڏيندا سين.

بقايا سنڌيار 14

جيان لڳو پر اسان همت ۽ حوصلي سان هن صدمي کي برداشت ڪيو ۽ منهنجو بابا پيپلز پارٽي تعلقي جو صدر هيو ۽ عشر زڪوات جو ضلعي چيئرمين پڻ هو سندس اوچتو شهادت اسان لاءِ وڏو سانهيو هيو پر اسان همت نه هاري اسان جي بابا کي پٽ جو اولاد نه هيو نه هيو اسان 6 پينرون آهيون پر اان چئون ٿا اسان 6 پٽ آهيون اسان با با جي چڏيل مشين کي اڏورو نه چڏينداسين اسان سندس چڏيل مشين کي پايا تڪميل تائين پهچائينداسين با با سموري جمار پيپلز پارٽي لاءِ وڪف ڪري چڏي هئي اسان بابا جي شهادت کان پوءِ پيپلز پارٽي جي قيادت هيٺان کان مٿي تائين اسان جي تڏي تي اچي اهو ثابت ڪيو ته واقعي ئي پيپلز پيپلز پارٽي پنهنجي ورڪر کي وساري نه ٿي انهن جو ايڏي وڏي تعداد ۾ تڏي تي اچڻ اسان جا حوصلا بلند ڪري چڏيا مان باقائدي سياست ۾ اعلان ڪريان ٿي ۽ پنهنجي پارٽي جي پليٽ فارم تان سياست ڪندس ۽ ابو جي راهه کي روشن ڪندس بابا جا دوست هاري ناري اهو نه سمجهن ته خليفي جي وڃڻ کان پوءِ اسان اڪيلا ٿ وياسين پر مان انهن سان بابا جيان هر ڏک سک ۾ پنهنجي ماروڙن سانگيئڙن سان گڏ هوندا سين ۽ هن شهر جي ماڻهن جي باباخدمت کئي اسان به اهائي خدمت ڪنداسين ۽ خليفا هائوس جا دروازا بابا جي دوستن لاءِ کليل هوندا جيئن اڄ ۾ کليل هئا مان به پنهنجي زندگي پيپلز پارٽي ۽ پنهنجي عوام لاءِ وقف ڪري چڏيندس ڪو به پاڻ کي اڪيلو نه سمجهي بس بابا سائين جو خال پري نه سگهنداسين

پر ڪوششڪري ان جي چڏيل آمشين کي روشن رکنداسين بس توهان جو ساٿ هوندو ته انشاءالله تعالي ڪامياب ٿيندا سين الله ۾ اميدون آهن الله اسان جون اميدون پوريون ڪندو

بقايا سنڌيار 15

ضلع جي ٽنڊڻ باگو تلهار گولاڙچي تعلقن جو دورو ڪرڻ ڪانپوءِ تازو پ پ پ چڏي مسلم ليگ ن ۾ شموليت ڪندڙ ميڊيڪنسپل ڪميٽي بدين جي ڪائونسلر گلزار احمد ميمڻ جي رهائشگاهه تي بدين جي ڪارڪنن سان گڏجاڻي ڪئي گڏجاڻي ۾ ضلعي صدر ابراهيم ڪمبوهه ٻڌايو ته ورڪرز ڪنونشن ۾ پريور شرڪت ڪرڻ لاءِ ضلع جي پنجن تعلقن مان ڪارڪنن جا ڪافلا جمع جي ڏينهن حيدر آباد روانا ٿيندا ابراهيم ڪمبوهه ٻڌايو ته ايندڙ چونڊن ۾ مسلم ليگ نه بدين ضلع جي هر سيٽ تي پنهنجا اميدوار بهارينڊي

بقايا سنڌيار 16

اتفاق راءِ سان بادي چونڊي وئي، ان سلسلي ۾ مرڪزي جماعت اهلسنت جو اجلاس ٿي گذريو جنهن جي صدارت نظم اعلا ضلع گهوٽڪي سعيد احمد نائج ڪئي ان کان علاوه ضلعي جي ٻين عهديدارن امير ضلع گهوٽڪي مولانا منير احمد گولو،نائب امير محمد حسين پتافي،فقير عبدالرزاق چاچڙ ۽ ٻين شرڪت ڪئي اجلاس ۾ اتفاق سان تعلقي خانڪڙهه جا نوان عهديدار چونڊيا ويا جن تعلقي خانڪڙهه جو امير عبدالقادر مهر،نائب امير استاد ميرحسن مهر چونڊيا ويا ٻين عهديدارن ۾ ناظم اعليٰ عبدالنبي مهر،نائب ناظم محمد لائق مهر،ناظم ماليات فقير لعل بخش مهر،ناظم نشر و اشاعت شاد مهر ،عبدالستار مهر،عبدالخالق، سيف الله مهر عهديدار چونڊيا ويا نئين چونڊجي آيل عهديدار کان حلف ورتو ويو ۽ ڪين گلن جا هار پارايا ويا.

بقايا سنڌيار 17

ڏينهن کان مختيارڪار نوشهروفيروز جي آفيس جي چارج مختيارڪار عزيز جوڻيجو سنبهالي آهي ان ڏينهن کان آفيس جو سمورو ڪم ڪار ٺپ ٺپ ويو آهي جنهن سبب ڪاتيدار ڪم نه ٿيڻ جي صورت ۾ اسان کي گهٽ وڌ ڳالهايو وڃن ٿا هنن چيو ته گذريل ٻن مهينن کان آفيسرجي بليڪ ميلنگ جي ڪري آفيس جو ڪم ڪار ٺپ آهي جيڪو عوام جي ڪمن ۾ دلچسپي ئي نه ٿو ئي روز بهانا ڪري ڪم ٽاري چڏي ٿو ايتري قدر جو ڊومياسيل به صحيح نه ٿو ڪري جو نوجوان پريشان ٿيل آهن هنن نگران وزير اعلا سنڌ ، چيف سيڪريٽري سنڌ ، سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو ڪمشنر شهيد بينظير آباد ، ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز سميت ٻين وس وارن اعلا عملدارن کان گهر ڪئي ته نااهل مختيارڪار عزيز جوڻيجو کي هٽائي اهل مختياڪار مقرر ڪرايو وڃي ته جيئن آفيس جو ڪاروهنوار هلي سگهي ٻي صورت ۾ سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا سنڌيار 18

لاءِ صوبائي ناٿي ڪاتي جي هدايتن تي رٽائرمينٽ جي تاريخ جي بنياد تي ميرٽ لسٽ ناهڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي، ڊي اوز کي گهرجي ته ريٽائر ٿيل ملازمن جا بل فوري طور ضلعي اڪائونٽس آفيس ۾ جمع ڪرائين ته جيئن سندن نالا ميرٽ لسٽ ۾ شامل ٿي سگهن ٻي صورت ۾ سندن پينشن/ ڪميوٽيشن جي ادائيگي ۾ دير ٿيڻ جا ذميوار هو پاڻ هوندا، هن چيو ته ڪجهه رٽائرڊ ملازمن جا بل يا ته وٽن رکيا آهن يا اهي سندن اڳوڻي آفيس ۾ پيا آهن، هن سمورن ڪاتن جي سربراهن کي چيو آهي ته هو ضلعي اڪائونٽس آفيس ۾ سرڪاري ڪم ڪارلاءِ اڄ وڃ لاءِ پنهنجا فوڪل پرسن مقرر ڪن.

بقايا سنڌيار 19

پوءِ ملازمن بجائي ورتو ميونسپل ملازمن جي صدر ساجد علي تڳر چيو ته اسان جي پڇن تي آفيسرن کي رحم نٿو اچي اسان جا پڇا چئين مهينن کان فاڪا ڪشي جي زندگي گزاري رهيا آهن اڄ ميونسپل جي ملازمن سڙڻ کان بچائيو آهي ملازمن چتاءِ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن شام تائين پگهارن جو اعلان نه ٿيو ته سڀاڻي اسان ڪو نه ڪو وڏو قدم کڻنداسين ان جو زميوار انتظاميه هوندي اسان جا پڇا فاڪا ڪشيءَ جي زندگي پيا گذارين ڊي سي ۽ پيا آفيسر هر مهيني جي آخري تاريخن ۾ چون ٿا احتجاج ختم ڪيو بس پهرين تاريخ توهان جون پگهارون ٿيندي وري فون کڻڻ لاءِ تيار نه آهن

بقايا سنڌيار 20

طلاق يافته ناري ساجد ڏيءَ شهباز ڏنو ميراڻي ڪراچي جي عدالت ۾ پيار جو پرٽو ڪري ڇڏيو، ان وقت ناري ساجده ٻڌايو ته مون پنهنجي رضا خوشي سان محمد سليم ميراڻي سان پسند جو پرٽو ڪيو آهي جنهن بعد منهنجا وارث جنهن ۾ منهنجو مامو ۽ پيا وارث جان جا ويري بڻجي ويا آهن اهي موتمار ڏمڪيون ڏئي رهيا آهن اسان کي انهن مان جان جو خطرو آهي هنن آءجي سنڌ، ڊي آءجي سڪر ۽ ايس ايس پي سڪر کان مطالبو ڪيو ته ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 21

چيو ته عورتن جي ووٽ ڏيڻ کي پولنگ اسٽيشن تي ڏکيايون پيش اچن ٿيوانهن رڪاوٽن کي دور ڪرڻ جي لاءِ سياسي پارٽين جا نمائندا پنهنجي پولنگ ايجنٽن کي اهڙي تربيت ڏين ته جيئن معذور افراد آساني سان ووٽ ڏئي جمهوري عمل ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن اڳواڻن وڏيڪ چيو ته اليڪشن جي آزادانا ماحول پيدا ڪرڻ سهپ رواداري واري ماحول ۾ جمهوريت کي نئين دور ۾ داخل ٿيڻ جا موقعا ڏيڻ گهرجن تشدد طاقت جو استعمال سان ڪمزور ماڻهو خاص ڪري معذور اقليتي ۽ تراسجينڊر افراد جمهوري عمل کان ٻاهر رهجي وڃن ٿا جڏهن ته ملڪ جو آئين هر شهري کي ووٽ جو حق ڏئي ٿو اسان سيني کي ان حق جو احترام ڪرڻ گهرجي ان تقريب کي ڳوٺ سينگار فائونڊيشن جي طرفان صدام حسين پنهوار، نارا بار جي نائب صدر ايڊوڪيٽ رحيم بخش پنيرو ليڊيز سماجي اڳواڻ خورشيد بيگم پريس ڪلب چونڊڪو جي اڳوڻي صدر احسان الله شر سول سوسائٽي اڳواڻ ڪرم الدين پنيرو وليج ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن جي صدر مصري خان پنيرو ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار 22

ڪندي چيو آهي ته سندس مائٽن پاڙيسري معشوق علي جوڻيجو سان مڳڻي ڪرائي هئي جنهن کان 2لک روپيا خرچ به ورتو هو پر هنن لالچ ۾ اچي پئي هنڌ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو جنهن کان پوءِ مون پنهنجي مڳيندي معشوق علي جوڻيجو سان ڪراچي ملير ڪورٽ ۾ پسند جو پرٽو ڪيو آهي جنهن تان منهنجا مائٽ والد شهڏاد علي چنجڻي، چاچا غلام حسين چنجڻي ميهار، بشير، شبير ۽ پيا جان جا ويري بڻجي ويا آهن منهنجي مڙس جي مائٽن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري گهر ڊاهج پت ڪري چڏيو آهي. جڏهن ته اسان کي انهن مان جو خطرو آهي اسين دربدري وري زندگي گذارڻ تي مجبور آهيون پسند جو پرٽو ڪندڙ جوڙي آئي جي سنڌ ڊي آئي جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪيو ته اسان کي تحفظ ڏياريو وڃي

بقايا سنڌيار 23

ڊپٽي جنرل سيڪريٽري پنهل جمالي ، ضلعي صدر ايوب ڪوريجو ، اصغر نوناري ، صدام زنگيجو ، مجاهد هاليپوٽو ، سليمان ٿهيم ، جسقم آريسر گروپ جي سڪندر سنڌي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ، احتجاج ۾ شامل اڳواڻن چيو ته ٽنڊو محمد خان هاڻي بدامني جو علاقو بڻجي ويو آهي ، جتي ڦوروچور سرگرم ٿي ويا آهن ، ڏوهن ۾ تيزي سان اضافو اچي ويو آهي ، منشيات جو سرعام واهپو ڪيو وڃي پيو ، هزارين نوجوان منشيات جا عادي بڻجي ويا آهن ، جنهن جي ڪري نوجوان نسل جو مستقبل تباهه ٿي رهيو آهي ، علاقي جي سرڪاري ۽ خانگي تعليمي ادارن اندر شاگرد ۽ شاگرديائيون آئيس جو استعمال ڪري پنهنجي زندگي اباهج ڪري رهيا آهن ضلعي انتظاميه کو به نوٽيس وٺي نه سگهي آهي جيئي سنڌ محاذ پاران بدامني ، منشيات جي سرعام واهپي خلاف اڄ بروز خميس واري ڏينهن صبح 11 هين وڳي ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻي جو اعلان ڪيو ويو آهي .

بقايا سنڌيار 24

مهر جا مڪ قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف 122ڏينهن به سڪر جي صحافين احتجاجي تحريڪ جاري رکندي سڪر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو ايس يو جئي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ جاري رکيو ۽ قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعري بازي ڪئي وئي، ان موقعي تي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي مرڪزي اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ خصوصي شرڪت ڪئي جڏهن ته احتجاج ۾ سڪر پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شهزاد اباڻي، سيد احقر شاهه،خالد ٻانيڻ، نصر وزير، سليم سهتو سحرش ڪوڪر، جلال الدين پيو،حسيب شيخ،جهانزيب وسير، شوڪت راهي، مرتضي جوڻيجو، يار محمد سومرو، سيد جواد علي شاهه، قذافي شاهه، ابراهيم سومراڻي فاروق سومرو، شاه ولي، بابر ڪوڪر، سجاد سنجراڻي، صلاح الدين سميجو، انس ملڪ، علي ڪوسو، ارشاد ڊنيڻ، فرقان ڪوسو، فضل الرحمان قريشي اسلم دايو، عقيل احمد، نديم ، اصغر عباسي، ۽ پيا موجود هئا جڏهن ته ميرپورماٿيلي جي صحافي تاج ٽانوري، ثاقب گڏاڻي، سراج لاشاري کان علاوه سول سوسائٽي جي ڊاڪٽر نظير ڪوڪر سندن سائين ڪجهتي جو اظهار ڪندي حڪومتي بي حسي جي مذمت ڪئي ان موقعي تي صحافي اڳواڻن چيو ته پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري تائين احتجاجي تحريڪ جو اعلان ڪيو ويو آهي 19 ڊسمبر تي ملڪ گيراحتجاج ڪيو ويندو. 25ڊسمبرتي سڄي سنڌ جي پريس ڪلبن ٻاهران علامتي بک هڙتال ڪئي ويندي 6 جنوري 2024 تي سڪر پريس ڪلب ۾ آل سنڌ جرنلسٽ ڪنونشن منعقد ڪيو ويندو جنهن ۾ احتجاجي تحريڪ جي حوالي سان وڏيڪ حڪمت عملي جوڙي ويندي هنن چيو ته سنڌ حڪومت ۽ سڪر پوليس جي ڪارڪردگي اڃان تائين ڪو بهتر نتيجو نه ڏئي سگهي آهي جيستائين قاتلن کي زنده حالت ۾ قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي جدوجهد جاري رکي ويندي.

بقايا سنڌيار 25

406,34 داخل ڪيو ويو آهي، ڪمپيوٽر، ليپ ٽاپ هڪ عدد آءِ فون جنهن سان آئي ايم اي موبائيل فونن جي چينج ڪندا هئا برآمد ڪيا ويا آهن.

بقايا سنڌيار 26

جو پڻ نالو آهي، محبوب خاصخيلي هن وقت ٽٽي ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر مڪلي ۾ پنهنجي گهر ۾ جگرجهڙي موضي مرض خلاف جنگ وڙهي رهيو آهي پر افسوس سنڌ جي ثقافت ڪاتي پنهنجي روايت کي برقراي رکندي هميشا جيئان محبوب خاصخيلي جهڙن بهترين فنڪارن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ جاري رکيو آهي ثقافت ڪاتو اهڙن عظيم فنڪارن جي معاشي ۽ بيماري وارن مسئل تي ڪوبه ڌيان نٿو ڏي سنڌي جا ڪيترائي بهترين فنڪار سنڌ جي ثقافت واري ڪاتي پاران ماٽيلي ماءُ واري روئي سبب هن وقت تائين اسان کان وچڙي چڪا آهن محبوب خاصخيلي جهڙو فنڪار پڻ انهن روين جو شڪار بڻجي اڄ بيماري سبب غربت جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهي، ٽٽي ضلعي جي شهرين، ساڃاهه وندن، ٽٽي جي سول سوسائٽي، ثقافتي تنظيمن سميت سياسي ۽ سماجي تنظيمن جي اڳواڻ پاران سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جي ثقافت ڪاتي کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته محبوب خاصخيلي جو سرڪاري سطح تي علاج ڪرائي س